پشپانجلی



پشپانجلي

منڙي محبوب مرشد مٺي جي مکڙي مان...

پيارو دادا (ساڌو ٽي.ايل واسواڻي) ڌياني هو، گياني هو، روحاني رهبر هو، عشق جو اوتار هو، فيلسوف، برهم گياني هو، پيارو دادا ڪرم يوگي، برهمچاري، برهم رشي، سنت درويش هو. پر ڪين رهيو دنيا کان دور، دنيا جي گوڙ شور جي وچ ۾ رهي هن پياري ڏني ساکي تہ جيون ملي آهي لوڪن جي شيوا واسطي، پياري دادا جي سکيا، سندس جيون جو آواز ”شيوا ڪريو! شيوا ڪريو“ پياري دادا وري وري پڪاريو. ”نوجيون وٺو! پيارا اجان گهڻو وقت پٽڪندا رلندا، ترشنائن ۾، وڪارن ۾، ڪنين واسنائن ۾، ڀوڳ، مان، شان وڏائيءَ جي ويچارن ۾؟ اُٿو! جاڳو! نوجيون وٺو نوجيون جي ڪنجين پياري دادا چيو آهي ٻن ڳالهين ۾:- (١) نام (٢) شيوا! سچي جيون آهي هن ۾.
”رام سمر، رام سمر، يهي تيرو ڪاج هئہ!“ سچي جيون آهي نام سمرن. هن وقت مان آسپاس پيو نهاريان، پيو پڪاريان، ”اِءِ لوڪو! توهين ٻوڙون پيا پايو، ڪٿي؟ اِءِ نوجوانو! اجان گهڻو وقت پٽڪندا پاڇن پٺيان ۽ اسان جي پياري قوم، سنڌي قوم پڳل آهي! ۽ يارت پيارو پُرندو وڃي پيو! توهين نئين قوم ٺاهڻ چاهيو ٿا؟ تہ اُٿو، جاڳو! پنهنجي جيون، پنهنجي پنهنجي زندگي ڪريو قربان، دکين غريبن جي شيوا ۾، شيوا ۾ سڀ ويچا وساريو، هڪ ٿيو، يڪمشت ٿيو، جدائي ڇڏيو، هڪ ٿيو، مسڪينن جا مددگار ٿيو، غريبن جا خدمتگار ٿيو، شيوڪ ٿيو، قوم جو بنياد، ملڪ جو بنياد ٿيو. جادو لڳايو! جادو لڳايو! شل پياري دادا جي جيون جو آواز ڪن دلين جي اندر گهڙي، ڪن حياتين کي نئون ڪري. شل سين مٿان پياري دادا ۽ ايشور جي آسيس سديو چمڪي. چمڪندي رهي!

(جشن واسواڻي)

اسانجي ننيي، نهتي، نماڻي پيٽ
اسانجي مٺڙي گرديو جي ڪمل قدمن ۾

پوڄنيه دادا جشن.پي. واسواڻي

سندس ۹۰ سال شيپ جنم ڏينهن جي موقعي تي

ver Design: Anand Lalchandani
.T.P. : Shobha Ram Lalchandani
RINTING : ARTSPOT
2, Allied Industrial Estate
him, Mumbai - 400 016 Tel. No. : 66662315

ساڌو واسواڻي مشن -ممبئي
13-14-گيتانجلي ڪولابا، ممبئي 400005
Tel.No. 22843054 - Fax:22836523 Email: sadhuvaswanibom@vsnl.net

١٩٨٦ وارو واقعو
ديالو ۽ داني دادا

ليکڪا - ريتا شهاڻي

هي جي ماڻهن هينئڙا جهڙا پڳل ٽانوَ،
موکي! تنهنجي مڌ سا جرڪايو ڪي هانوَ،
هينئڙي جرڪن نانوَ، چوڏر چنڊ ڪڙي پوَن.

(آغا سليم)

ها، دادا جشن واسواڻي، اهڙو مَڌُ پيارڻ وارو موکي آهي جنهن سان صرف چند گهڙيون گهارڻ سان اِئين ڀاسندو آهي ڄڻ پاڻ ڪئين اَمرت جا جام پي ورتا آهن، تَن مَنَ، روح تي نشو طاري تہ ٿي ويندو آهي، پر ماڻهو پاڻ کي هلڪو محسوس ڪرڻ لڳندو آهي. اِهو سڀ اَنڀوَ ڪرڻ ڪانپوءِ مان سمجهي سگهان ٿي تہ چو هيترا پڳل ٽانوَ (ڀڳت جن) ديش پرديش جو سفر ڪري، اِن مڌُ کي چکڻ خاطر، درشن جا اَبلاکي ٿيندا آهن.

دادا سان لهہ وچڙ ۾ مان صرف گذريل ٻارهن سالن کان آئي آهيان. اِنهن ٻارهن سالن جي نزديڪيءَ جي دوران، دادا جي مهربانين جو کهڙو ورڻن ڪري کهڙو ڪريان؟ هن جو ڏيان ڪندي منهنجي منپسند هندي ڀڄن جون سِٽون من ۾ وڄڻ شروع ٿينديون آهن:

توُ ديالو دين هم،
توُ داني هم ڀکاري،
ناٿ توُ، اَناٿ هوُن،
اَناٿ کوُن مون سو ن؟

۽ منهنجي سنمکہ دادا جو روپ ڪڙو ٿي ويندو آهي، جو

۾ پشپ پيار جا پياري جي چرڻن ۾

منڙي دادا جشن جي سمست جيون، پنهنجي ڪامل
پريپورڻ گرديو ساڌو واسواڻي جي ڪمل قدمن ۾ گذري آهي. گرديو
جي جوتي جوت سمائڻ ڪانپوءِ تہ سندس پيغام ديش وديش
پهچائڻ ئي سندس مقصد رهيو آهي. گرديو جي من، ٻڌي، واڻي
آتما سان هر اکر، هر آگيا کي هن پياري پريوءَ جو حڪم سمجهي
بجا آندو آهي. سادي رهڻي ڪهڻي، پر اُچن ويچارن سان هن ساڪي
ڏني آهي. سندس مصريءَ جهڙي آواز، موهڻي منڙي نوراني نهار
ڪومل ڪپهہ جهڙن هٿڙن جو ڇُهاءُ، ڪنهن بہ نوٽ، سُڪل دل کي
گل جهڙو ڪومل بڻائي ڇڏي. سندس مقناطيسي شخصيت هر ڪنهن
کي متاثر ڪري ڇڏي. پياري دادا جي ڪومل دل ڪنهن جو بہ در
سهي ڪونہ سگهي، هو هڪ هڪ پنهنجي پياري جي سنڀال لهي
پيو، ڳجهي نموني، هڪ هڪ سان سندس منو ناتو آهي. اسان سيني
جي تن، من ۽ روح جو روشن منار آهي.

هيءَ ننڍڙي نماڻي ڀيٽ جيڪا ڪجهہ پريمين سندس ٠
شڀ جنم ڏينهن ٢ آگسٽ ٢٠٠٨ ۾ سندس پاڪ قومن ۾ رکي سا، هر
خاص ڏينهن ”سنڌي سميلن“ ٢٠-٢١-٢٢ فيبروري ٢٠٠٩ تي ساڌ
واسواڻي مشن ممبئي پاران، سندس چرڻن ۾ ارپڻ ڪريون ٿا. منڙ
دادا جشن کي سنڌي ٻوليءَ لاءِ تمام سڪ ۽ پيار آهي. هو ور ور ڪري
هر اُپديش ۾ چوندا آهن تہ ٻوليءَ ، ساهتيہ، سڀيتا کي ضرور برقر
رکو، جي ٻولي آهي تہ اسان سنڌين جو وجود قائم آهي، نہ تہ سڀ
نيست نابود ٿي ويندو. سنڌي ٻوليءَ جهڙي قديمي، انمول خزانن سا
ڀريل دنيا ۾ ڪا بہ ٻولي ڪونهي. ان ڪري ٻولي سکون ۽ آئيند
جي پيڙهيءَ کي پنهنجي ساهتيڪ ورثي کان وانجهيل نہ رکون.

مان پنهنجي گرديو منڙي دادا جشن جي ڪمل قدمن
هيءُ پشپ رکان ٿي ۽ اِهائي وينتي ڪريان ٿي تہ ڪر قبول قدم
۾، منا! جهڙي تهڙي اِڪ تنهنجي آهيان.

پونم چندرو ملا
ڪاميٽي ميمبر- ساڌو واسواڻي مشن ممبئ

دادا سهج ڀاو سان مُشڪندي چيو، ”تہ پوءِ پيٽرول پمپ تي هلي ٿا ڀرايون؟“

ايشوري جوتواڻي جيڪا پُٺين سيٽ تي ويٺي هئي، مونکي ٺونگو هنيو ۽ گهٻرايل آواز ۾ چيو، ”نہ، نہ ريتا، هن وقت پيٽرول کي ڇڏي ڏي.“

مون دادا کان پُڇيو، ”دادا، گاڏي پيٽرول کانسواءِ هلي ويندي؟“

دادا صرف مُسڪرائيندو رهيو.

گاڏي بلوُ ڊائمنڊ جي پيٽرول پمپ تي بيٺي. اُتي موٽرن ۽ اِسڪوٽرن جي لنبي لائين بيٺي هئي. مون گاڏيءَ مان هيٺ لهي پمپ واري کي وڃي وينتي ڪئي، ”اَسين تڪڙ ۾ آهيون، مهرباني ڪري اَسان جي موٽر ۾ اَول پيٽرول ڀريو.“

هن وٽان رُکو جواب مليم، ”اوهين پنهنجي واري جو اِنتظار ڪريو.“

دادا جي پريمين جون چار موٽرون، وٽن هيٺان پاسيريون ٽيون بيٺيون هيون. اُنهن ۾ سورنهن جڻا سوچي رهيا هئا : ”هي سڀ ڇا تي آهي؟ دادا جي سوڙهي شيڊيوُل کي هن ريت هيٺ مٿي ڇو ڪيو وڃي؟“

پر دادا شانت ڀاو سان اِئين ئي مُشڪي رهيو هو. جڏهن اَسانجو وارو آيو تہ مون دادا کي ٻڌايو تہ ”اِگنيشن واري ڪنجي ڪڍي ڇوڪري کي ڏيو، جيئن هوُ پنيان، پيٽرول ٽئنڪ جو تالو کولي سگهي.“

پيٽرول ڀرجڻ کانپوءِ، ڇوڪري بل جي رسيد ڦاڙي مونکي ڏني تہ سدا مهربان دادا مونکي چيو، ”بل تون نہ چُڪاءِ!“ هن ڪرشن ڪماريءَ کي اِشارو ڪيو ۽ مونکي سمجهائيندي چيو، ”مان تہ پئسا ڀاڻ سان ڪٽندو ئي ناهيان.“

ديالو آهي، داني آهي ۽ گنڀير آهي، گياني ۽ نئڙت وارو آهي
پر سڀ کان وڏيڪ آهي سنيهي، هن اڻميو پيار مون کي ڏنو آهي.
جنهنجي مان لائق ناهيان. دادا پنهنجي وهنوار ۽ هلت چلت
سان، آسان جهڙو ئي پاسندو آهي پر حقيقت ۾ هوُ آسان کان
ڪيڏو اوچو آهي، اِها ڳالهہ اُهو ئي سمجهي سگهندو جنهن
ويجهڙائيءَ تان کيس ڏٺو هوندو.

پيٽرول پمپ جي پيٽرول جي رسيد هٿ ايندي دادا سان گهاريل
ڪجهہ گهڙيون ياد اچي ويون.

اچان تنهن ڏينهن جي تہ ڳالهہ آهي -

مان تازو بيماريءَ مان اُٿي هئس. منهنجي بيماريءَ جي دؤران
ڪيترا ڀيرا دادا مون ناچيز جي گهر پير پريا هوندا. اعتبار ئي ڪونہ
ايندو هوم جڏهن اوچتو ئي اوچتو، مان دادا کي پنهنجي سامهون
پسندي هئس. ڪيئن پنهنجن مشغولين مان وقت ڪڍي، مون کي
همٿ ڏيارڻ، خوشي پهچائڻ ۽ آسيس ڏيڻ خاطر، منهنجي گهر
پڌاريندو هو ۽ جڏهن ڊاڪٽر پنڌ ڪرڻ جي صلاح ڏني تہ مونکي پاڻ
سان گڏ پنڌ تي هلڻ جي موڪل ڏنائين.

مان ڏنل وقت تي دادا وٽ، پوٽر ميرا پوميءَ ۾ پهتس. دادا
مون کي ڏسي پنهنجي نئين ڪُشادي، ايئرڪنڊيشنڊ موٽر چڏي نہ
رکو منهنجي ننڍڙيءَ گاڏيءَ ۾ اچي وينو پر جنهن صورت ۾ مونکي
ڊرائيونگ ڪرڻ جي منع هئي، هوُ پاڻ ڊرائيونگ سيٽ ۾ ويهي، پاڻ
موٽر هلائي، مونکي پنڌ ڪرڻ واسطي رستي ڏانهن وٺي هليو! ۽
مزو وري اهڙو ٿيو (هن وقت مزي جي ڳالهہ تي لڳي) جو اوچتو مون
محسوس ڪيو تہ منهنجي موٽر ۾ پيٽرول ختم ٿيڻ تي هو. من ئي
من ۾ شنڪا اُٿي رهي هئي، ”ڪٿي موٽر بيهجي نہ وڃي!“
همٿ ٻڌي دادا کي چيم، ”دادا، موٽر ۾ پيٽرول تہ آهي ئي
ڪونہ!“

روحاني رهبر، نماڻي سچي سنت دادا جشن سان اڻ وسرندڙ پل

- ليکڪا : شريمتي پونم چندرو ملاڻي

منڙي دادل شاهه (ساڌو ٽي.ايل. واسواڻي) ۽ پياري دادا جشن سان منهنجو ناتو ته منهنجي جنم کان اڳ جو آهي. منهنجو پاپا (شري چيتانند لعلواڻي) منڙي دادل شاهه جي ڪمل چرڻن ۾ جڏهن هو ١٠-١٢ سالن جو هو، تڏهن آيو. اِسڪولي ڇوڪرن جي ”ڀارت شيوا منڊلي“، جيڪا هن ديش جي آزاديءَ جي سنگرام ۾ ڀاڱو وٺڻ لاءِ ڪجهه ديش ڀڳت ڇوڪرن جي ٺاهي هئي، تِن سان وچي ايسٽ ۽ ويسٽ اخبار جي پئڪنگ ڪندو هو. منڙو دادل سندس مٿي تي مهر جو هٿڙو گهمائيندو رهندو هو. منڙي دادل شاهه جي اثر هيٺ هن انگريزي پوشاڪ، مخملي ٽوپيءَ جو تياڳ ڪري، کاديءَ جا ڪپڙا پائڻ شروع ڪيا. نه صرف پاڻ پائيندو هو، پر کاديءَ جا تاڪيا ڪٽي گهر گهر وڪڻڻ ويندو هو. ديش ڀڳتي ۽ ڌرم جو ٻج، منڙي دادل شاهه سندس ڪچڙيءَ نرم دل ۾ پوکيو، جنهن جو خوشبوئِدار ٻوٽو جو پوءِ وڏي وڌو وڻ ٿيو. پاپا ڪيترائي ڌرمي گرنٿ (خاص ڪري شري گروُ گرنٿ صاحب)، ۽ ڪيترا ئي اَنمول ڪتاب سماج ۽ سنڌي ساهتيه کي ”ڀارت جيون ساهتيه منڊل“ جي جهنڊي هيٺ ڏنا. ديش جي آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ ٻه دفعا جيل جي ياترا به ڪري آيو.

ورهاڱي کانپوءِ جڏهن منڙي دادل شاهه ۽ پياري دادا جشن پونا پٽيه يومي وسائي ته ممي پاپا جو ٻنهي سان وڌيڪ گهرو ۽ منڙو ناتو هلندو هليو. جيون جي پڇاڙيءَ جي گهڙيءَ تي به ”دادا نيام“ جو منو نام ٻنهي جي پاڪ چپن تي هو.

مان ننڍي هوندي کان ئي منڙي دادل شاهه ۽ دادا جشن جي

مون دادا کي ٻڌايو تہ مان اڳواٽ ئي آفيس ۾ پئسا ڀري آئ
هئس.

دادا وري موٽر اِسٽارٽ ڪئي ۽ اُن موٽرن جي سرڪس، ريس
ڪورس جو رُخ ورتو. موٽر جي رفتار تيز هئي ۽ مان سيٽ ۾ چُري پُر
رهي هئس.

دادا منهنجي بيچيني سمجهي ورتي ۽ پڇيو، ”موٽر جي رفتا
گهٽايان؟“

مون ڪنڌ ڌوڻيو.

”جي ها، دادا.“

دادا رفتار گهٽائي وري پڇيو، ”هاڻي نيڪ آهي؟“

مون وري ڪنڌ ڌوڻيو.

”جي ها، دادا.“

مان دادا جي اهڙي وهنوار تان من ئي من ٻلهار وڃي رهي هئس
۽ ايشوَري پنيان چئي رهي هئي، ”تون پئي چنتا ڪري
ڏس تہ سهين تہ ڳاڏي هلائڻ وارو ڪير آهي؟“ شري ڪرشن
تہ رٿ ڪاهي رهيو هو. برابر مونکي چنتا ڪرڻ جو تہ ڪو ڪ
ئي ڪونہ هو.

برابر، مون دادا جي منڙي صحبت ۽ محبت جا ٻڪ ڀ
پري پيتا ۽ پاڻکي ڌنيہ سمجهڻ لڳس.

برابر، اَسين دين ۽ بکاري آهيون.

مهانند سرسوَتيءَ، جي ١٠٠ سال جنم ڏينهن تي پُشڪر (اَجمير)
۾ وڃڻا هئاسين، ٨ ميءِ تي سواميڄن جو شڀ جنم ڏينهن هو.
ڳير، شانتي پاٺ، سندر ڪانڊ پاٺ ۽ تنهنڪانپوءِ سيني سنتن،
مهامنڊليشورن جي ڀوڄن جو بندوبست هو. سواميڄن جو
منهنجي گهوٽ شري چندرو سان ڏاڍو پريم هو. کين ڪوئيندو
ي ''ديوان صاحب'' هو. اَسين هميشه وانگر آپوس اَنبن جا
وڪرا ڪٽي وياسين ته سنتن ۾ ڦل ورهائي آسيس پائيندا سين. ٦
يءِ جون ٽڪيٽون ٻُڪ ٿيل هيون. ٣ ميءِ جي رات جو مان هڪ
عجيب سپنو ڏسان ٿي ته مان اَٿاهه سمنڊ ۾ هڪ ٻيڙيءَ ۾ اَڪيلي
هيان. وهڪري ۾ ٻيڙي هلندي پيئي هلي، نه ٻيڙيءَ وارو هو نه
ي ٻيڙيءَ جا ونجهه. جيڏانهن نهاريان رڳو پاڻي ئي پاڻي هو.
ن خوفناڪ نظارو ڏسي ڏڪي ويئي هئس. ٻيو ڪو بچڻ جو چارهو
ڏسي مون هٿ ٻڌي منڙي دادا جشن کي پرارٿنا ڪئي، اصل
ڻ ٻاڪاريو پئي ''پيارا دادا! سواءِ تنهنجي هن منجهدار مان
نڪي ڪير اُڪاريندو. مان ته ترڻ به ڪونه ڄاڻان. منهنجا منڙا
تاءِ، مونکي بچائي.'' مون اکيون کوليون، اصل عجيب ڪرشمو
م. سامهون ڪنارو آهي، جتي پيارو دادا مونکي اِشارو پيو
ري ته ''سروج! هتي اچ. مان تنهنجي لاءِ بيٺو آهيان.''
هنجي اکين مان ڳوڙها پئي ڳريا ۽ پئي چوان ته ''دادا مان
ئن اچان؟'' پر عجب اِسرار ٿيو، ٻيڙي اَلاءِ ڪيئن ڪناري تي
چي ويئي. پياري دادا مونکي هٿ کان پڪڙي ڪناري تي
و. مان چرڻن ۾ ڪري پيس. پياري دادا چيو ''تون ڏک نه،
ئر تون سوگهي آهين، تنهنجو وار به وِنگو ڪونه ٿيندو، مان
قت توسان آهيان.'' دادا مونکي پنهنجين ٻاجهه ٻانهن ۾
هو جهليو. منهنجي اکه کلي پيئي. سپنو مونکي تمام چٽو
و چڻ فلم اکين اڳيان هلي پيئي.

چوئنت تي چنبڙي پيس. جيون ۾ گھٽيئي ڏک سک آيا پر سندن
ئي سهارو هن دل جو آڌار هو. منهنجو ۽ منهنجي پياري پتي
شري چندرو جو ٻنهي سان منو ناتو هو. پر دادا جشن سان منهنجي
ننڍي هوندي کان ئي دل جُڙيل هئي. تِن ڏينهن ۾ دادا جشن رات
جي وقت، منڙي دادل جي روم ٻاهران وراڻدي ۾ ستسنگ ڪند
هو. مان اڳيان اڳيان سندس ڪرسيءَ وٽ ويهندي هئس. ڪڏهن
ڪڏهن ٻاراڻي سمجھ موجب ڪي سوال بہ پُڇندي هئس، کھڙي
نہ مٺي نموني دادا سمجھاڻي ڏيندو هو.

مونکي ياد آهي منهنجي شاديءَ کانپوءِ مميءَ کي ٿوري دل
جي تڪليف ٿي هئي. هڪ دفعي سپني ۾ هن ڏٺو تہ پيارو داد
جشن سندس روم ۾ آيو ۽ سندس نرڙ تي پيار جو هٿڙو گھمائي
پڇيائين ''سُشيلا، تون ڪھڙيون دوائون پيئي وٺين؟'' مميءَ
کيس دوائون هٿ ۾ ڏنيون. پياري دادا يڪدم سڀ گوريون هٿ
۾ جھلي وات ۾ وڌيون. ممي يڪدم رڙ ڪئي ''دادا! هيءُ ڇ
ڪيوَ؟ هيءُ هارٽ جون دوائون آهن''. دادا مٺي مُشڪ مُشڪندي
چيو تہ ''ها! مونکي خبر آهي هارٽ جون دوائون آهن. هاڻي تو
نيڪ ٿي ٻاهر نڪر.'' ممي صبوح جو يڪدم پپا کي چيو تہ ''پون
۾ فون لڳايو، مون کي ڏاڍي آنڊ مانڊ آهي.'' پپا کي فون ڪندي
خبر ملي تہ دادا کي رات جو ٿوري دل جي تڪليف ٿي. اَسان يڪد
سمجھيو تہ ايهو سپنو ڪونہ هو پر ساڀيا هئي. گرديوَ تڪليف
پنهنجي مٿان ڪنئي، سنت کان ڀڳتن جي پيڙا سڻي نہ ويئي
مميءَ پپا کي سندس ڪرپا جا، مهر جا جام هٿ پرتا مليا هئ

مونکي بہ زندگيءَ ۾ منڙي دادل شاہ ۽ دادا جشن جي مهر
ڀرپور مهراڻ مليا آهن. اُنهن مان جڳھہ جي ڪميءَ ڪري صر
هڪ لکان ٿي. سنہ ١٩٨٩ع مئي مهني جي پهرين هفتي ۾ اَس
پاپا جي ناني، ديوان دياسنگھ هيراننداڻي جي گرو، سوا

دادا جي سنمکہ هجان، پر سندس نوراني مورت اڳيان ڏيان
کندي، پرارٿنا کندي کيس چڙ تند بنا تار اُها پڪار پهچي
ويندي آهي ۽ کنهن نہ کنهن نموني اُن دکہ جو، تکليف جو
سماڌان ٿي ويندو آهي.

گهٽيئي دفعا پنهنجن ليکن ذريعي ۽ اِستيج تي، مان ور ور
کري چوندي آهيان تہ دادا پيارو پاڻ کي گهٽيئي لکائي ٿو،
پر آهي سچ پچ کرشن کنعيو، اَندران ئي اَندران کرشما کري
ٿو. پر پاڻ کي ظاهر نٿو کري، خبر تہ اُنهن کي آهي جن کي
ت پرتا لڳا هجن. اَسين سڀ کمزور من جا آهيون، اَسانکي
هڙن سنتن جي رهنمائيءَ جي هميشهہ گهرج آهي. اَسين کهڙا
ہ ڀاڳن وارا آهيون جو اهڙو سچو سنت، دلين جو دلبر، روحاني
هبر اَسانجي وچ ۾ آهي. ٢ آگست سندس ٩٠ جنم ڏينهن آهي.
ل پيارو پريؤ، منو دادل شاهہ کيس وڏي وڏي آورجا ڏي، سني
حت ڏي جيئن اَسان جهڙن جي روشن منار وانگر رهنمائي کندو
هي.

سومر ٨ تاريخ، اکنڊ تيج ڏينهن، سچو ڏينهن سواميجن ج
جنم ڏينهن جو اُتسوَ ڌوم ڌام ۽ شرڌا سان ملهايو ويو. نماشام
اَسين سڀ سواميجن سان ڪُٽيا جي باغيچي ۾ ويٺا هئاسين. پيا
چندرو، سواميجن ڏانهن نهاريندي ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو ۽ اُنه
وقت سندس پوتر آتما وٺي منڙي گرديوَ جي ڪمل قدمن ۾ پهت
دنيا فاني آهي، ٻئي پل جو بہ ڀروسو ڪونهي، اِها ڳالهہ تہ هزار
دفعا پڙهي هوندم، ٻُڌي هوندم، پر اُن وقت اِن ڳالهہ جو احس
ٿيم. بس، اُن گهڙيءَ کان منهنجي خوشحال زندگيءَ ۾ موڙ ا
ويو. پياري چندروءَ جي اوچتي وڇوڙي ڪري ڪيترن پنهنج
پراون پنهنجو اصلي رنگ ڏيکاريو، فائدو ورتو، آفيس جي ب
١٠ ڇٽن مونکي ڏاڍو تنگ ڪيو، پانئياڻون تہ هيءُ وقت آ
پاڻ پرڻ جو. مان صفا اڻ ڄاڻ، جنهن عمر ڀر راڻين وانگر گذا
ڪڏهن آفيس ۾ ڪم نہ ڪيو، تنهن مٿان سڀ گهر ۽ آفيس
ذميواريون پيون. جيون جي اونده ۾ هڪ ئي اُميد جو سورج
دادا جشن هو، جنهن جون مون پلاند پڪڙيو. جيون جي هر
جي گهڙيءَ ۾ هن مونکي ساٿ ڏنو، جيئن قوَل ڪيو هئائين
مان توسان آهيان، سو برابر غئبي نموني مون سان ساڻ هو، س
ساٿ هئڻ جو مونکي پل پل احساس هو. آفيس مان ١٠ ئي مص
ڪڙي ڪندڙ اِنسان هڪ هڪ ڪري گم ٿي ويا، ڪي مري
ڪن رٽائر ڪيو ڪن کي زوريءَ ڪڍيو ويو. مطلب اڻ ٿي
ڳالهيون دادا جي ديا سان سوَليون ٿينديون ويون، هڪ هڪ
رڪاوٽ دور ٿيندي ويئي. برابر ڪجهہ سال لڳا، پر منڙي مه
جي مهر ۾ صحيح وقت تي صحيح ڪاريہ ٿيندو رهيو. اڄ
گهٽ ويهن سالن جو لمبو عرصو گذري ويو آهي، پر اڄ بہ
سار لهي پيو. سنڀال ڪري پيو، پنهنجي ٻاجهہ ٻانهن ۾ ڍ
۾ جهلي ويٺو آهي. اِئين ڪونهي تہ مان ڪو جسماني طور

نوُر نوراني، دادا جشن واسواڻي

- اِندرا بلديو ٻڌراڻي

”پريم جشن کان مونکي سکڻ جو حق آهي. مان سانت ۾ هرديہ سان سندس آشيرواد وٺندو آهيان. عمر ۾ بينڪ مان هن کان وڏو آهيان پر آتمڪ شڪتين ۾ پريہ جشن مون کان وڏو آهي، مهان آهي.“ اِهي لفظ پرم پوجيہ ساڌو ٽي.ايل. واسواڻي صاحب دادا جشن جي مهانتا جو ذڪر ڪندي چيا آهن. ٻئي هنڌ دادل شاهہ پياري، نينهن ۾ نياري دادا جشن لاءِ چيو، ”اڄ صبوح جو مون هن پياري جوءِ هن جي گڻن جو ويچار ويٺي ڪيو. هن ۾ ڪيترائي گڻ آهن، ڪيتريون ئي شڪتيون آهن. مان ٻاوهين جيڪر اِنهن شڪتين جو فائدو وٺڻ جو يتن ڪريون. اوهان مان ڪنهنکي بہ خبر ڪانهي تہ منهنجي دل جي اَندر هن پياري واسطي ڪيڏو نہ پيار آهي! جيڪڏهن دل کولي اوهان سان ذڪر ڪريان تہ بوندون بس نہ ڪن.“ ڪي سال اڳہ ڀارت جو اڳوڻو راشٽرپتي گياني زائل سنگهہ صاحب ساڌو واسواڻي مِشن ۾ هڪ خاص پروگرام ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آيو. هن صاحب پوجنيہ دادا جشن جو پُرتاثير، نمرتا ۽ ڀاوناتمڪ ليڪچر ٻڌڻ بعد پرڀاوت ٿي چيو -

”تمکو خدا کهون، يا خدا کو خدا کهون،

دونون کي شکل ايک هئہ، کِسکو خدا کهون.“

لاهوتي لال دادا جشن گرديوَ ساڌو ٽي.ايل. واسواڻيءَ جو سچي صدق وارو شش آهي. اڳئين ڏينهن ۾ گروءَ جي شيوا ڪرڻ مڪڻ جي شيخ پچائڻ هوندي هئي. شش کي ڪٺن پريکيا مان پار لنگهڻو پوندو هئو. سچي ڪامل گروءَ پياري جشن کان گهڻيئي ڪٺن پريکيا مان پار لنگهڻو پوندو هئو. سچي ڪامل گروءَ پياري جشن کان گهڻيئي ڪٺن پريکيائون رتيون جن مان هوُ محڪمتا سان لنگهي پار پيو. گروءَ جي شيوا ۾ هن نہ نو ڏينهن ۽ نہ رات، سچي شرڌا ۽ لگن سان، اُيي ڪڙيءَ شيوا ڪندي ڪٺن آزمائشن مان تري پار پيو ۽ محبوب جو مشاهدو ماڻيائين، اِلاهي

پيارو دادا جشن واسواڻي اعليٰ شخصيت

ليکڪ : شري پورن ڏي. چيتوا

پيارو دادا هڪ اعليٰ هستي، نوراني شخصيت، سنت آت
روحاني رهبر ۽ هڪ اِلاهي فيلسوف آهي. دادل شاهه جو دُلارو ۽ اَس
بيشمار دلين جو راڻو آهي. ايشوَر کين اَسان وٽ هڪ فرشتو ک
موڪليو آهي. جنهن جي گيان ريل منڙن پروچنن، هت سنگت
توڙي ٽي.وي. دواران، تنل دلين کي پئي راحت پهچائي آهي. ک
وارون وار نمسڪار!

اَسان، منهنجي سوٽ، سرڳواسڻ اِندرا، سند
گهوٽ نرنجن دوداڻي پريوار ۽ سوٽ اجيت چيتواڻي تہ سندن ويه
ئي آهن. مونکي ياد اي ٿو تہ منهنجو پيارو چاچو شري ميولسن
نومبر ١٩٩٢ ۾ هانگہ ڪانگہ ۾ اَجيت وٽ گذاري ويو. اَجيت اُن و
هانگہ ڪانگہ ۾ رهندو هو. هن وقت پوني ۾ ئي آهي. ڪاڪا
هاني، سنکہ/قول اَجيت پوني ڪٽي آيو، جنجي پوڇا اَسان جي م
دادا اُتي گيتا مندر ۾ پاڻ ڪرائي ۽ پوءِ اَستيون سنگم وٽ پر
ڪيون ويون. ڪيڏي نہ مهانتا آهي دادا جن جي. برهمڻ جو ڪ
پاڻ ڪرايون، سندن شڪرانا!

بيو تہ اَپريل ١٩٩٣ ۾ ويسٽرن بامبي سبربن سنڌي پئنچ
ائنڊ ائسوسئيشن فيڊريشن جي ”سنڌ درشن“ ڪتاب (چئن سوَ ص
وارو) جنهنجو مهورت اَسانجي برک ساهتيڪار سرڳواسڻ د
(پروفيسر) پوپٽي هيرانندڻيءَ ڪيو هو، اُن لاءِ اَسانجي دادا
صاحبن هڪ سنيهو بہ ڏنو هيو، جنهن ۾ آسيس بہ ڪئي هئي تہ
سنڌين جي خوبين صفتن جو ذڪر بہ ڪيو هو. سندن ديا ساگ
ڪيترو بيان ڪري سگهبو. بس، سندن آشيرواد اَسان سيني
هميشهہ ۽ هردم وسندي رهي، اهڙي اَيلاشا رهندي آهي. ايشوَر ک
بلڪل سٺي صحت ۽ سگهہ ڀري وڏي آورجا ماڻيندا ۽ جڳت ج
ڪندا رهندا.

لاکيٽي لال دادل شاهه جو روحاني وارث شيوا، سادگي، سچائي، صبر، سمرپڻ، شردا، سادنا وغيره تمام گڻن جي کاڻ آهي. اَسانجي دلين جو راڻو مانوَ ڀڳت، ديش ڀڳت ۽ ايشوَر ڀڳت آهي. هن ۾ گيان، ڪرم ۽ ڀڳتيءَ جو تروينٽي سنگم آهي. خلق جي خدمت ۾ ئي جانب جو جلوو پسيو اَٿس. شاهه صاحب جو قول ''تنيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ناهي ويل ويهڻ سنديءَ''. پنهنجي جيون ۾ اَپنايو اَٿس. اَسين گائڪ بڻجي سندس مهانتا جي مهما جا گيت زندگيءَ جي سازن تي هردم ڳايون ٿا. اَسان چترڪار بڻجي پنهنجي دلين ۾ سندس سندر ۽ رمڻيڪ چتر چٽيو آهي. اَسانجو پوڄيه دادا جشن نياز ۽ نمرتا جي مجسم آهي.مشهوري کان ڏهه ڪوهه ڏور آهي. دادا جشن کي ديا ۽ شيوا جا گڻ ماتا پتا ۽ گرديوَ سادو واسواڻي کان ورثي ۾ مليل آهن. هوُ دکين، دريدرن، مسڪينن، محتاجن جو مِتر آهي، هيڻن جو همراهه آهي. ''هي دين دکي مسڪين آهن پريوءَ جا روپ، اِنهن جي شيوا بہ پريوءَ جي پوڄا آهي.'' پنهنجي گرديوَ جي اِن وچن کي دادا جشن پنهنجي جيون ۾ مورتيمان ڪيو آهي. دادا تهه سياري ۾ اڌ رات جو ڪيئن نہ ڪن شيواڌارين کي وٺي ڪنبلن جا ڳنا. ڪٽائي نکرندو آهي! رستن جي فوٽ پاٿن تي يا اوسي پاسي ۾ ڪي بي اَجهي، بنا بسترن غريب، مسڪين سمهيل هوندا آهن تہ پيارو دادا جشن اِنهن مٿان ڪنبل وجهندو ويندو آهي. ڏڻ وار ۽ وڏن ڏينهن جي موقعين تي ڪيئن نہ پيارو دادا اِنهن مسڪينن جي سار لهندو آهي، سندن شيوا ڪندو آهي! اَسانکي پنهنجي اُپديشن ۾، پستڪن ۾ پانکن کي، سماج جي پٺتي پيل طبقي، غريبن، دردمندن، اَناٿن، يتيمن، بي سهارن، وڌوائن، ٻيڙن ڏانهن مدد جو هٿ ڊگهيڙڻ جي نيڪ صلاح ڏيندو آهي. سندن نظرن ۾ مانوَ ڌرم ئي سچو ڌرم آهي. دين دکين تي ديا ڪرڻ سان ئي ڌڻيءَ جو ديدار ٿئي ٿو. ديالو دادا وٽ روزانو دکي، دردمند اِنسانن جا سوين خط اچن ٿا. پيارو دادا پنهنجي سکهه آرام کي

عشق جو جام پيئائين. هڪ دفعي اوچتو ئي اوچتو، بنا ڪنهن ڳالهہ ٻولهہ
جي، رات جو اٽڪل نوين بجي ڪيس چيائين تہ ”تون بلاشڪ پنهنجي
گهر وڃي آرامي ٿيءُ.“ اِئين چئي ڪيس پنهنجي هٿن سان ٻاهر ڪڍي،
در ڀائي، اَندران ڪڙو لڳائي ڇڏيائين. پياري جشن جي طبيعت اُن وقت
ٺيڪ نہ هئي ۽ سياري جي ڪري ٻاهر ولهہ واڪا ڪري رهي هئي تہ ٻہ
هيءُ سدورو ساڌڪ، بنا ڪجهہ بہ چوڻ جي، سانت ۽ صبر جي ساڪيات
صورت بڻجي، ماٺا وٺ وچڻ بدران، گرديوَ جي در جي چائنٺ ڪي چنبڙي
سڄي رات اُتي ٻاهر ٻيٺي وٺ ورهہ جي وڇوڙي ۾، اَندر ئي اَندر سڪ ۽
سنيهہ جا سور سانڍيندو، ٻاهر ٻاڦ نہ ڪڍي، دردمند دل سان سيءُ جا
سٽڪا سهندو رهيو. دادا جي اُڪير ۽ اُڪنڊ ۾ تڙڦڻ لڳو. صبوح ٿيو تہ دادل
شاهہ پڇيو تہ پيارو جشن ڪٿي آهي؟ ڪيس جڏهن ٻڌايائون تہ ساري رات
سيءُ ۾ ٻاهر چائنٺ تي ويٺو رهيو تڏهن دروازو کولي پنهنجي پياري
شش کي گلي لڳايائين. اُن وقت گروءَ ۽ شش جي اکين مان نہ روڪجندڙ
آنسون وهڻ لڳا. ”تو جنين جي تات، تِن پڻ آهي تات تنهنجي.“ داد
جشن کنن ساڌنائن جي سيڙهيءَ جا ڏاڪا سولائيءَ ۽ صبر سان چڙهندو
بلنديءَ تي پهتو.

دادا واسوائيءَ ٻاجهاري ٻالڪ جشن جهڙي هيري کي پنهنجي
ڇترڇايا ۾ رهبري، سکيا ۽ آسيس سان تراشي ڪوهنور بڻائي ڇڏيو
جيئن سوامي رامڪرشن پرمهنس نوجوان نريندر کي پنهنجي د
درشٽيءَ سان سوامي وويڪانند بڻايو تيئن هيءُ اَلوڪڪ ٻالڪ پ
پنهنجي گروءَ جي رهنمائيءَ هيٺ لکين، ڪروڙين ڀليل، ڀٽڪيل
اِنسانن جو روحاني رهبر، روشن منار بڻيو آهي. اڄ هوُ جڳ پرسڌ ڀهومکي
شخصيت، مقناطيسي ڪشش جو مرڪز بڻجي پيو آهي. هٿ هاجہ
دل يار ڏي هوندي اَٿس. ”سادو جيون، اوچ ويچار جو حامي آهي
سندس زندگيءَ جو سڌانت آهي۔

It is Better to wear out than to Rust out

سنڌيءَ لاءِ بيحد پيار آهي. ديس ۾ چاهي ست سمنڊ پار ڏورانهين ڏيهہ ۾، جتي بہ دادا وڃي اُتي پنهنجين ياترائن ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائڻ، لکڻ ۽ پڙهڻ تي زور ڏيندي چوندو آهي تہ اَسانجي منڙي سنڌي ٻولي درويشن، فقيرن جي ٻولي آهي. اَسانکي اهڙي ٻوليءَ تي فخر هئڻ گهرجي تنهنڪري ديس پرديس جي ڪيترن شهرن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڦهلاءُ لاءِ ڪلاس شروع ڪيا ويا آهن. پوڄيہ دادا جشن اوچہ ڪوٽيءَ جو ساهتيڪار ۽ فلاسافر آهي. گيان جو ڀنڊار آهي. هن صاحب انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ پريوُ ڀڳتي، پريم، خلق جي خدمت وغيره وشين تي پستڪ لکيا آهن جيڪي دنيا جي ڪيترين ٻولين ۾ ترجمو ڪيا ويا آهن. اِهي ڪتاب پڙهي پاٺڪ پنهنجي روحاني پياس ٻجهائين ٿا. ايشوَر ڪيس شاعراڻي دل عطا ڪئي آهي. هن صاحب روحاني وشين تي سرل ڀاشا ۾ اَنيڪ ڪوتائون لکيون آهن. جيڪي پاٺڪن جي دل جي اَندرين تهہ ۾ گهڙي آتمڪ آنند بخشين ٿيون. ”اَنجلي“ تخلص سان ڪيترائي ڀڳتي رس سان ڀرپور گيت لکيا اَٿس جيڪي ڪئسيٽس جي روپ ۾ ظاهر ٿيا آهن ۽ دنيا ڀر جا شرڌالو ٻڌي آتمڪ آنند جي عميق ۾ ٽٻيون ڏين ٿا.

پيارو دادا جشن هڪ مهان وڪتا آهي. فصيح زبان ۽ مڌر آواز جو مسيحا آهي. منٺار محبوب گيان جو اکٽ ڀنڊار آهي. سندس ليڪچر، اُپديش، اَنيڪ درشٽانتن، ڪهاڻين، روحاني رمزن، فصيحت آميز نقطن سان پرتاثير هوندا آهن. ٻڌندڙن تي مقناطيسي اثر ڪندا آهن. سندس ڀاشائن جا وشيہ اڪثر پريوُ ڀڳتي، پراڻي ماتر جي شيوا، مانکہ جنم سڦلو ڪرڻ لاءِ بيدار ٿيڻ، وقت جو قدر ڪرڻ بنسبت هوندا آهن. ڀارت جي مهان هستين سوامي وويڪانند ۽ سوامي رام تيرٿ جيان، اهنسا جي اُپاسڪ دادا جشن اَنترراشٽريہ سطح تي سڏايل جدا جدا ڪانفرنسن، ميڙن، ڌرمي سميلن وغيره ۾ اهڙا تہ دل ڇهائيندڙ، مقناطيسي ڪشش پيدا ڪندڙ ليڪچر ڏنا آهن جو ٻڌندڙن جي دلين ۾ هندستان جي تهذيب لاءِ شرڌا، ونهي اُڪير اُتپن ٿي آهي. پوڄنيہ دادا جشن مالهيءَ جيان اَسانجي

تلانجلي ڏيئي اُنهنکي جوابن دواران تسليءَ ڏيڻ جي، مدد ڪرڻ
جي يٿا سنڀوَ ڪوشش ڪندو آهي.

پيارو دادا جشن سنيهه جو ساگر آهي، اکٽ خزانو آهي. سندس مٺر آواز ۾ گرديوَ دادل شاهه جيان مصريءَ جهڙو ميناج، ڪرشڻ جي مرليءَ جهڙي ڪشش آهي. سندس رڳ رڳ ۾ ڪوٽان ڪوٽ پريم سمايل آهي ۽ سندس ڪمل مکڙو سدا پيو مُشڪي. سندس نرمل اکين ۾ هميشهه نوراني نور پيو جهلڪي. ڏينهن رات مانوَ جاتيءَ جي ڪلياڻ جي ڪم ڪارين ۾ ايترو مشغول هوندي به هوُ ڪڏهن به ٿڪل نظر نه ايندو آهي. جيڪو به ڪيس گڏجندو آهي ته اُهو اِئين محسوس ڪندو آهي گويا دادا ڪيس نوراني نظر سان نهال ڪيو آهي، ڪيس ڏاڍو پيو پائيين، ڪيس قربائتي ڪوٺ ڪئي آهي، سڪ سان سڏيو آهي. جڏهن اَسين دادا جي پاڪ چرن ڪملن ۾ جهڪي آسيس وٺون ٿا ۽ هوُ پنهنجو سدورو، سباجهو مبارڪ هٿ اَسان تي رکي ٿو ته اَسين هڪ اَلوڪڪ آنند محسوس ڪريون ٿا ۽ ڏکن ڏاکڙن جي دنيا کان دور سکميه سنسار جو سهانو سفر ڪريون ٿا.

منڙي محبوب دادا جشن جي دل ۾ پسن پکين، گگدامن لاءِ اَٿاهه پيار آهي. وريءَ وريءَ سندس نوراني نظر اِنهن بي زبان پراڻين ڏانهن ٻوڙي ويندي آهي، ڪيس بيحد دک ٿيندو آهي جو اَسين ٿوري وقت لاءِ زبان جي چشڪي کي ترپت ڪرڻ واسطي ڪين کهون ٿا، کائون ٿا. اَسانکي ٻئي جي حياتي وٺڻ جو ڪو حق ڪونهي. هوُ صاحب چوي ٿو ته اِهي ٻ اَسانجا پائر پينر آهن. اِن ڳالهه ڏانهن لوڪن جو ڌيان ڇڪائڻ جي لحاظ کان ١٩٨٦ع کان ساڌو واسواڻي صاحب جو جنم دن ٢٥ نومبر سڄي دنيا ۾ ”ويشنو ڏينهن“ جي روپ ۾ ملهايو وڃي ٿو. وشوَ ڀر جا ڪروڙين ماڻه لکيت ۾ پرتگيا ڪن ٿا ته هوُ اِن ويشنو ڏينهن جو پالن ڪندا. ديالو داد جشن کي پورڻ وشواس آهي ته جلد ئي اِنسانن جيان ٻين جيون کي پڻ جيئڻ جو قانوني حق ضرور حاصل ٿيندو.

ڀهوُمکي شخصيت واري دادا جشن پياري کي پنهنجي ماترياڻ

ايشوَر در اِهائي نماڻي پرارٿنا آهي تہ شل پريوُ، اِنسان ذات جي خدمتگار، پراڻي ماتر جي شيوڪ دادا جشن کي سالم صحت ۽ وڏي آورجا بخشي جيئن اَسان پليل، پتڪيل منشن جي راهہ روشن ڪندو رهي!

خلق جي خدمتگار، هيڻن جي همراهہ، پسن پکين جي مِتر، روحاني رهبر پياري دادا جشن کي سندس ۹۰ پوتر جنم ڏِنَ تي منهنجو وارون وار پرڻام آهي، نمسڪار آهي! شل، هن داسيءَ تي بہ سندس آسيس ٿئي ۽ اَسيم ڪرپا جو ڪڻو مونکي بہ ملي!

”جڳہ جڳہ جيئي دادا، شڪرانا مالڪ،
رکاجس صحت سالم، جڳت جا او پالڪ!“

جيون روپي ڦلواڙيءَ مان براين روپي ڪنڊا دور ڪري، اَسانجو گلشن سرسبز رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هيءُ درويش سانت ۽ پنڌ جو شونقين آهي. ڪائنات لاءِ عجيب اُڪير اٿس. پرڪرتيءَ جي پرزي، پرزي، قدرت جي ڪڻ ڪڻ ۾ قادر جو ديدار پيو ڪري. روحاني فرشتي دادا جشن جي رڳ رڳ ۾ رحم جو رباب پيو وڄي. اَسانکي غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ڪرڻ جو يتن ڪندو رهي ٿو. هوُ صاحب چوي ٿو-

Tragedy of man is he thinks there is plenty of time

اَسانکي بيدار ڪندي چوي ٿو، ”پيارا، سچي زندگي ڪمند جون ڪلون ڪاڏيون اَتيئي، رس ڪڏهن پيئنديں؟“ نام سمرڻ جو سنديش ڏيندي چوي ٿو تہ اهڙو سونهري وجهہ وري هٿ نہ ايندءِ، تنهنڪري پريوءَ کي ياد ڪري، غريبن، گهرجائن، گگدامن جي شيوا ڪري مانک جنم سڦلو ڪريو.

وڻ جو ميوو ٻين لاءِ هوندو آهي. نديءَ جو پاڻي ٻين جي پياس بجهائڻ لاءِ هوندو آهي. تهڙيءَ طرح ساڌن سنتن جو پرٿويءَ تي پڌارجڻ لوڪ ڪلياڻ لاءِ هوندو آهي. جوڳي هڪ هنڌ نہ وهندا آهن، پيا رتن ڪندا رهندا آهن. اَٽڪ جوڳي دادا جشن پڻ پنهنجي گرديوَ جو پيغام هرهنڌ پهچائي ٿو. ڏيهہ توڙي پرڏيهہ ۾، دنيا جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ پنهنجي اَملهہ سکيا ۾ گرديوَ جو سنديش سمائي پيو ٿو لوڪن کي جاڳرت ڪري هيءُ بہ پنهنجي ستگروءَ جيان بکايلن کي کارائي ٿو، دين دکين جي ت و جان سان مدد ڪري ٿو. ڪنيائن جي چوڏس چوڏار تعليم تي چڱو چو ڌيان ڏئي ٿو. ايشوَر جو نام جپائي ٿو. پسن پکين تي ديا ڪري ٿو. مريض جي علاج لاءِ ڪوشش ڪري ٿو. پنهنجي من ۾ ايڪاگرتا آڻي، سانت ويهي ڌيان ڪري ٿو.

سنپرڪ دادا جشن ساڌو واسواڻي مِشن جو ڪرنگهو، روح روان، سرڪر آهي. جنهن جي رهنمائيءَ هيٺ ساڌو واسواڻي مشن جڳہ پرسڌ تم جوڳي ترقي ڪئي آهي جتي نت نيم اَنيڪ شيوا جا ڪاريہ هلندڙ آهـ

ۏاسواڻي مشن ۾ ائين ئي سنا ڪم ٿيندا رهندا آهن. اسان ڪي سڄو اسڪول، آفيس، ستسنگ هال وغيره ڏيکاريائون، پر دادا سان گڏجاڻ سين لاءِ شايد ڏکيو ڪم هو، جيڪي اتي سڃاڻندا هئا، سي به دادا تائين نياپو پهچائي نه سگهيا. منجهند گذري وئي، شام جا پنج اچي ٿيا پر ملاقات ٿي نه سگهي ۽ باقي شام جو ساڍي ڇهين ڪان پوءِ سڏو ستسنگ جي هال ۾ ملڻ جو آسرو رهيو. پڇڻ تي سڏ پئي ته ٿي سگهي ته دادا اڄ ماڳهه لهن ئي نه ! ان خبر تي اسان واپس ورڻ جو پڪو ارادو ڪيو، صرف ان لاءِ ته هي سفر اجايو ويو. دادا جو درشن به نه ٿيو ۽ نه ئي سامهون ڪين نيندن ئي ڏئي سگهياسين. ساڍي ڇهين ڪن هيٺ بيٺل ڪار تائين ويا هئاسون، ڪار ۾ مان اُداسائي ۾ وينو به هوس، باقي پاروءَ ڪي ڪار ۾ وهٽو هو، انجڻ ڪي به هلڻ لاءِ چالو ڪيو ويو هو ته ڪو شخص ڊوڙندو آيو چيائين ته دادا اچي ويا آهن ۽ اوهان کي ڪوٺين پيا. ڪوٺڻ جي لفظ جادوءَ جو ڪم ڪيو، اسين مٽي پهرين ماڙي تي واپس وياسين. ”مون ڪي نياپو ڪو نه مليو ته اوهان منجهند کان هت آهيو نه ته ائين نه ٿئي ها. اوهان ته منهنجا پيارا آهيو...“ ائين چوندي هنن ٻرانڙي پائيندي پنهنجا نرم نرم آسيس ڀريا هٿ ڇهري تي گهمايا. ائين پئي لڳو سڄي ڏينهن جو ٿڪ گم ٿي ٿيندو ويو. هنن جي نماڻائي حليمائي جا چئجي؟ دادا کان ها وٺي واپس موٽياسين. رستي تي رنڊڪ ڪري اسر جو ۴ بجي گهر پهتاسين.

مقرر ڪيل ڏينهن تي دادا جشن ’سيتا سنڌو يون‘ ۾ پهچي ويا. سا ڳيو ئي ڪرتو پئجامو ۽ اوڊيل شال. هيڏانهن سنڌ مان سڃي سائين ان وقت صوفيزم تي پي. ايڇ. ڊي ڪري رهيا هئا ۽ ڪي ٻيا سنڌ مان ليکڪ شاعر ۽ گايڪ ڪلاڪار پهچي ويا هئا، نه صرف ايترو پر سڄي ڀارت جي شهرن مان اديب وقت کان اڳ ئي پهتل هئا، اهو انڪري جو هيڏو وڏو سيمينار هوندي، هيڏيون وڏيون هستيون اچڻ سان، هال ۾ ۽ اسٽيج جي ڀرسان وهڻ جي جاءِ ملي، الائي نه.

جڏهن مون روئي ڏنو....

ٺاڪر چاولا

مون کي چٽيءَ طرح ياد آهي. ۱۹۹۲ جو سال هو. اسان **"سنڌين ۾**
ويدانت ۽ صوفي مت" تي انٽرنئشنل سيمينار ڪوٺايو هيوسين ۽ جنهن
جو پارت پاران **دادا جشن واسواڻيءَ** کي مهورت ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو
هوم ۽ سنڌ مان سچل سرمست جي درگاهه جي گاديءَنيشن **سخي سائين**
کي اچڻ جي دعوت موڪلي هيم، جيئن ٻئي هند ۽ سنڌ جون وڏيون
هستيون اچي گڏجي، هڪ ئي منچ تي مهورت ڪن، سوچي ڪجهه
وجبو آهي پر ان کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ، اڻ ڏٺل مشڪلاتون سامهون اُڀري
ايندڀون آهن.

ان وقت، پاڪستان مان، پارت اچڻ لاءِ ويزا به سولي نه ملندي هئي
۽ حالتون به اهڙيون موافق نه هيون پر ان هوندي به سنڌ پاڪستان مان
ليڪڪن ۽ فنڪارن کي سيمنار لاءِ گهرائڻ به تمام ڏکيو ڪم هو، پر ما
صرف ڏکيا ئي ڪم ڪندو آهيان، جيڪي ٻيو ڪو نه ڪري سگهند
آهي. مان ان ۾ ٽپي پوندو آهيان. ان جو سبب اهو آهي جو منهنج
هم ساٿڻ. هميشه ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار هوندي آهي. ۽ سچو گهر ۽ گهر
پاتي به ڪلهو ڪلهي ۾ ملايو بيٺا هوندا آهن ان سان گڏو گڏ، ان وق
شري آر.جي آڏواڻي، جو وڏو ٻل هوندو هو، خرچ جو چوندو هو ته ڪو خي
نه ڪجانءِ، ڪنهن به سيمينار جي پڌرائيءَ ڪرڻ سان هڪ لک رپين
چيڪ هن جي آفيس مان نهيل ملندو هو.

صرف خط موڪلي يا فون ڪري ڪيئن گهرايان؟ سو صبح جو
بجي ڪن، ڪار ڪري نڪتس، منجهند ڌاري پوني ۾ پهتاسين. س

پياري دادا سان هڪ آزمودو

- ايشوَري جوتواڻي

سياڳي سنڌڙيءَ جي هاڪاري حيدرآباد ۾ ۹۰ سال اڳ هڪ مهان آتما جنم ورتو. سانوڻ جي مهني ۾ ۲ آگسٽ تي ماتا ڪرشناءِ ديوان پهلاجراءِ جي گهر ۾ جنهن اعليٰ آتما جنم ورتو اُهو اڄ ديش پرديش ۾ 'دادا جشن' جي نالي سان پرسڌ آهي ءِ هوُ اَنيڪ روحاني پانڊيئڙن جو رهبر آهي. سندس بخت بلند هو جو ننڍپڻ ۾ ئي کيس ساڌو واسواڻيءَ جهڙو پورڻ ستگرو مليو. چون ٿا تہ دادا واسواڻي (جو جشن جو چاچو بہ آهي) جڏهن ٻالڪ کي گود ۾ کنيو تہ کيس ۱۰۰ رپين جو نوٽ خرچي ڏنائين! بس چڻ جشن کي پنهنجو ڪري ڇڏيائين! تحقيق سچو گرو کيئن نہ پنهنجي سچي شش کي سڃاڻي ٿو! اڳتي هلي هڪ گيت ۾ دادا جشن اِن ڳالهہ ڏانهن کيئن اِشارو کيو آهي تہ : مُلهہ خريد مان، تِن جي آهيان. سنتن جي مهما عجيب ءِ اَنوکي آهي. تحقيق شاعر چيو آهي سچ تہ :

سنت اوُر پارس ۾ ٻڙو اَنتر جان،
پارس لوها سون ڪري، سنت ڪري آپ سمان!

گروءَ جي ڪرپا ڪرڻ ۾ اوجل ٿي هوُ اڄ هزارن جو ستگرو آهي، هوُ دنيا لاءِ هڪ روشن منار آهي.

جيئن تہ شري ڪرشن کي اَرجن جهڙو پيارو شش مليو ءِ گوتم ٻڌ کي آنند مليو ءِ شري رامڪرشن کي وويڪانند مليو، تيئن دادا ساڌو واسواڻيءَ کي جشن جهڙو پورڻ شش مليو. ڪجهہ وقت اڳ جڏهن پونم ملاڻي چيم تہ دادا جشن سان ڪا ملاقات يا اڻ وسرندڙ آزمودو لکي تہ مان ويچارن جي ساگر ۾ ٻڏي ويس! اکين اڳيان اچانڪ ذهن ۾ هڪ مني مني يادگيري چمڪڻ لڳي. ٻڌايانوَ ٿي اُها ڳالهہ.

پيارو دادا اعليٰ ودوان آهي. هزارن جو همدرد ءِ مددگار آهي، اهنسا جو اوتار آهي. پر پريم جو مسيحا آهي دادا جشن! جنهن آزمودي جو ذڪر لکان ٿي اُن کي اٽڪل ۱۵-۲۰ سال ٿيا آهن؛ پر هن وقت بہ جڏهن لکان ويني تہ اِئين پيم لڳيم تہ چڻ اِها ڳالهہ بہ ٿي ڏينهن اڳيم ٿي آهي.

منهنجي ساهيڙي راڌا جو، شرڌيءَ جي سائين بابا ۾ ڏاڍو وشواس

سچو هال گلن جي لڙهين سان سجايل هو، نندا ننڍا بلب ڏينهن
جو بہ ٽمڪي رهيا هئا، جيڏانهن نهار، وڏن وڏن داناءَ شخص کي
ڏسي، دل جي ڌڪ ڌڪ تيز ٿيندي ٿي وئي. هڪ طرف دادا سان گڏ
٥٠ کن وشواسي هئا، هوڏانهن سنڌ مان آيل سخي سائين جا بہ ڪي
ئي پوئلڳ ساڻ هئا. مون سيني ڪان معافي وٺندي چيو”هي سيمينار
توهان جو ڪوٺايل آهي. هي گهر اوهان جو آهي. مان اوهان کي
ڪٿي وهاريان، جتي جاءِ مليوَ ويهي وڃو.“
ٺهرايل منچ تي جڏهن دادا جشن کي ۽ سنڌ مان آيل سچل سرمست
جي گادي نشين سخي سائين کي مون گڏجايو، مون جنسي روئي ڏنو.
هو ٻئي ڀاڪر ۾ هئا، ائين جيئن هند ۽ سنڌ گڏجي ويون هجن ۽ ڪيترو
وقت هو ٻئي هڪ ٻئي کي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هئا ۽ نہ ئي وري سنگت
تاڙيون وڄائڻ بند ڪرڻ لاءِ، ان نظاري کي ڏسي سيتا سنڌو يون ۾
ويدانت ۽ صوفيزم ٻئي جڻ ڀاڪر ۾ هيون ۽ مان اِن منظر کي ڏسي
روئي رهيو هوس.

هو ۽ گهڻو ڪري اُن وقت گڏجڻ ڏکيو هوندو هو، پر عجب اِسرار ٿيو. اوچتو ڪنهن ڪم سببان دادا پنهنجي ڪمري مان ٻاهر نڪتو. بس مان تڪڙو تڪڙو وڃي سندس اڳيان بيٺس. دادا اَلبت عجب ۾ چيو، ”اڄ هن وقت تون ڪيئن آئي آهين؟ سڀ سُک آهي نہ.“

”دادا سڀ ٺيڪ آهي، پر توهان کان هڪ ڳالھ لاءِ موڪل گهرڻ آئي آهيان.“ ”ڇئہ ڪهڙي ڳالھ؟“ دادا مون ڏانهن نهاريندي چيو. ”دادا موهني منهنجي ساهيڙي جيڪا توهين بہ سڃاڻيندا آهيو، اُها هينئر پونا اچي پهتي آهي. سندس بہ ٻاڏيجا آهن ڪشور ۽ موهن. اڄ ٻڌر شام جو شرڌيءَ تا هلڻ چاهين جو سياڻي وسپت پرياٿ جو سويل بابا جي اَيپشيڪ ۽ آرتيءَ ۾ شامل ٿيڻ تا چاهين. مونکي زور ڪيو اَٿن تہ مان هنن سان گڏ وڃان. سو موڪل هجي تہ شرڌيءَ مان درشن ڪري اچان.“

”ڇو نہ ڇو نہ، ڀل درشن ڪري اچ. پرٽام رکج. صحت تہ ٺيڪ اَٿيئي نہ؟“ ”صحت بلڪل ٺيڪ آهي. وڏيڪ توهين آسيس ڪجو. رات نِڪي، سويل درشن ڪري، سياڻي واپس موٽي ايندا سين.“

پياري دادا مٿي تي آسيس جو هٿ رکيو ۽ مان تڪڙو تڪڙو واپس ڏاڪڻ لهڻ لڳس ۽ دل ۾ سوچڻ لڳس تہ ڪٿي راڌا جي پرارٿنا جو تہ اثر ناهي؟ بابا تہ ڪين ڪونيو آهي؟ نہ تہ ڀلا اهڙو منهنجو دلپسند بندوبست ڪيئن ٿيو آهي؟“ اوچتو هڪ ڳالھ اچي ياد پيئي. سو وري تڪڙو تڪڙو ڏاڪڻ چڙهي مٿي ويس. شڪر جو دادا جي ڪمري جو در کليو پيو هو. مان هڪدم اَندر گهڙي ويس ۽ دادا جي ڪرسيءَ پرسان پهچي چيم دادا معاف ڪجو. تڪڙ ۾ توهان کان اِهو پڇڻ وسري ويم تہ اُتان شرڌيءَ مان توهان لاءِ ڇا وٺي اچان؟ دادا ڏاڍو کليو، ۽ پوءِ نينهن ڀري نهار، ڏيندي چيائين تہ، Bring my Ishwari Back. اِهو ٻڌي مان عجب ۽ حيرت ۾ دادا ڏانهن نهاريندي رهيس. منهنجو سڄو وجود عجيب خوشيءَ جي لهرن ۾ اُڏامڻ لڳو.

اڄ هيٺرن سالن بعد اُهو آزمودو **Re-live** ڪندي دل چاهي ٿي تہ ڪاش اِهي اکر هڪوار وري ٻڌان، "Bring my Ishwari Back" ۽ وڌيڪ لکڻ کان قلم قاصر آهي!

هو. شرڊي پونا کان ٣-۴ ڪلاڪن جي پنڌ تي آهي. راڌا کي جڏهن
وجهہ ملندو هو تہ هوءَ شرڊيءَ جي ويجهو وڃي درشن ڪري، ڏاڍي
خوش ٿي ايندي هئي ۽ مونکي پرساد کارائيندي چوندي هئي تہ
جيڪر هڪ دفعو ضرور درشن ڪريو. سڄي دنيا ٿي اچي شرڊيءَ
بابا جو درشن ڪرڻ ۽ تون؟ ويجهو رهندي بہ نٿي هلين. نيٺ سبب
ڇا آهي؟ مون پيار مان چيومانس، تہ مان درشن ڪرڻ ضرور چاهيان
ٿي پر اُتي هلڻ لاءِ ڪو سهنجو بندوبست هجي نہ. ۴ ڪلاڪ اوڏ
موٽ پبلڪ بس ۾ سفر ڪرڻ مون لاءِ ڏاڍو ٿڪائيندڙ ٿيندو. يڪدم
اکيون بند ڪري هٿ جوڙي شايد ڪجهہ پرارٿنا ڪرڻ لڳي ۽ بو
مون ڏانهن نهاري چيائين، ”جي دل سچي آهي درشن ڪرڻ تي
بابا اهڙو بندوبست ضرور ڪندو.“ مون مُشڪندي چيو تہ بس اُ
ڏينهن جو اِنتظار رهندو. اِهو ٻڌي ڏاڍو گد گد ٿي.

اٽڪل ٻن ٽِن هفتن بعد، منهنجي ساهيڙي موهني ممبئيءَ مان
اچي پهتي، چيائين تہ منهنجا بہ پاڙيچا ٻاهران آيا آهن ٿورن ڏينهن
لاءِ. اُنهن کي سائين بابا جو ضرور شرڊيءَ ۾ درشن ڪرڻو آهي. تون
جيڪر اَسان سان هلين ۽ درشن ڪري اچين. بندوبست سڀ سٺو آهي
پنهنجيءَ وڏي ڪار ۾ هلنداسين.“ اِهو ٻڌي دل اَندر آواز اُٿيو تہ بابا
ڪونہ بندوبست ڪيو آهي؟ اُمالڪ پڇيومانس تہ ڪڏهن هلبو، ”اڄ ٻ
آهي، شام جو نڪرنداسين. ڇو تہ سڀاڻي پرڀات جو سويل ”بابا“ ج
پوڄا (اَڀشيڪ) وغيره ٿيندو آهي، اُهو ضرور ڏسڻو آهي، ڪشور ک
اُتي گلن جي چادر بہ چاڙهڻي آهي.“

”ڇو ڀائي ڪا مَنت، مُراد اٿس ڇا؟“ موهنيءَ مُشڪندي چيو ”اِئ
ئي سمجهہ، پر تون مون سان هل ضرور.“

”هلان ڇو نہ. پر دادا جشن کي تہ ٻڌايان. ڏاڍو تڪڙو پروگر
ناهيو اَٿيئي.“

”سڀ نيڪ آهي، تون هينئر ئي دادا جشن وٽ وڃ. ١٢.٣٠
آهن وري مانيءَ جو وقت اچي ٿيندو. هاڻي جلدي وڃ.“

مون اُٿندي چيو، ”چڱو مان ڪوشش ڪريان ٿي.“

مان موهنيءَ کي هيٺ ترسائي، دادا جشن کي گڏجڻ لاءِ ڏاڪ
چڙهڻ لڳس. ڏاڪڻ چڙهندي جپ صاحب جون ۵ پوڙيون پڙهڻ لڳ
دادا جشن سان ضرور گڏجي سگهان. اِهو وقت منجهند جي مانيءَ

خلق ۾ خالق

- شريمتي سُشيلا تولاڻي، اِنڊونيشيا

جيڏا نهن ڪريان پر ڪہ تيڏا نهن دادل ساهون، دادل جهڙو شاهہ ڪونہ ڏنوسين ڪاٿي، پرچي ڏنائين پيار مان. آئم ڏن اَٿاهہ، نڪي پڇيائين ذات پات، نڪي پڇيائين راهہ. اهڙو آهي اَسانجو دادل شاهہ.

"سنڌين جو سرتاج تون، نہ ڪنهنجو محتاج تون،
سنڌ جو شان تون، هند جو مان تون،
جڳت جي جان تون، وڃون تو تان قربان.
سنڌ جي سونهن تون، هند جي هستي تون،
پريوءَ جي ڀڳتي تون، اَسانجي شڪتي تون،
مالڪ جي مستي تون،
اَسانجو دادا دلين جو دلبر آهي،
جڳہ جو والي آهي نہ ڪري ڪنهن کي خالي."

من موهيندڙ، تن تنبورو، پيشاني پيئي گيان سان چمڪي، اکين ۾ نوراني پيو پسجي، زبان مصريءَ کان بہ مٺي، مُشڪندڙ چهرو، منهن ۾ مٺيا، نورت جي مورت، صبر جي صورت، دل ديا جو درياهہ، پاڻ سڪ جا ساگر، هٿ هاج کن حضور لاءِ، پير پنڌ کن پريوءَ لاءِ، هر سواس ۾ سمرن، هر ڳالهہ ۾ پورن اهڙا آهن اَسانجا دادا سڀ کان اونچا ۽ لاثاني!

جهڙو اَٿن نالو، تهڙا اَٿن ڪم. جتي جتي پير رکن اُتي ملهائين جشن ۽ ڪِن ماڻهن کي مالامال اصلي ڏن سان (پريوءَ جو نام). درويشن ۾ درويش، نماڻن ۾ نماڻا، سادگيءَ ۾ سادا آهن اَسانجا دادا! ڏيانين ۾ ڏياني، گيانين ۾ گياني، برهم گياني! برهم گياني! مهيشوَر برهم گياني اُپ پرميشوَر. ودوانن ۾ ودوان، پڪين پسن جا پالڪ ٻار ٻڍي جا

منڙي دادا جشن سان ملاقات

- ڪيرت ٻاٻاڻي

سنڌي جاتيءَ اَنيڪ سنت، مهاتما پيدا ڪيا آهن اُنجو ڪارڻ آهي ت
سنڌيءَ جي دل صوفي سچ سان جُڙيل آهي. ورهاڱي کان اڳ، سِنڌ جي
سر زمين صوفياڻي حق سان ڀريل هئي ۽ هاڻي بہ جتي سنڌي مِلن
گڏجن ٿا تہ سنتن جا رنگہ ھنن کي ڪٺي مست ڪري ڇڏين ٿا.

اهڙي ئي هڪ سچي صوفيءَ کي سنڌي جاتي جنم ڏنو آهي
جنهن جو نالو سنڌين ۾ توڙي غير سنڌين ۾ نهايت پريم ۽ عزت سان
ڪنيو ويندو آهي. سنڌين جي پياري رهبر دادا جشن واسواڻيءَ جو نال
ديش وديش ۾ سنڌين جي دلين تي هميشه اُڪريل رهي ٿو.

مونکي پنهنجي ذاتي جيون ۾ بہ دفعا دادا سان درشن نصيب ٿي
آهي. منهنجا وڏا ڀاڳہ آهن. سنڌ مان لڏي اچڻ ڪانپوءِ هڪ دفعو مان
دادا سان گڏجڻ پهتس ۽ ھن جي چرنن ۾ وڃي ويٺس. مونکي ڏسندي
چيائون، ”تنهنجي پيشانيءَ ۾ جيڪي چمڪ مان ڏسان ٿو اُن مان
سمجهي ويس تہ تون هڪ نهايت ڪامياب شخص ٿيندين ۽ اونچايون
ڇُهندين.“ مان دادا کي پرڻام ڪري ٻاهر نڪري آيس. ٻيو دفعو اَسين
سڀ ليکڪ دوست دادا سان گڏجڻ سندن گهر آشرم وياسين. دادا هڪدم
شربت ۽ ميوو ڪٺي آيا، جڏهن اَسان ڇپيوسينس تہ دادا توهانجو گلاس
ڪٺي؟ چيائون، ”مون سنڌو ڌرتيءَ مان نڪرڻ ڪانپوءِ اِهو پرڻ ڪي
آهي تہ مان جيترو وقت سنڌ کان ٻاهر آهيان اِهي شربت، ميوا، چاڪلي
وغيره ڪونہ کائيندس.“ اَسان دوست حيران بہ ٿياسين پر فخر محسو
ڪيوسين تہ هئڙا ڌرتيءَ جا لعل جڏهن سنڌي جاتيءَ ۾ آهن تہ جاتي
جو وار بہ ونگو ڪونہ ٿيندو. بس اِهو وشواس ڪٺي دادا جي چرنن ما
واپس ورياسين!

دادا جشن هڪ سچا، نيڪ ۽ پيارا اِنسان آهن جِن پنهنج
سڄي عمر اِنسانيت جي شيوا ۾ اَرپڻ ڪئي آهي. سِنڌي جاتي
کي ھنن تي نهايت فخر آهي.

پوسا گر مان پار ٿيندا سين.

هن زبان کي شڪتي ڪونهي جو دادا جن جي گڻن جي مهما ٻڌائي سگهي، سچ پچ جي پريوءَ جو حڪم ٿئي تہ مان جيڪر هن سڄي وشو جي ڌرتيءَ کي پنو بڻايان. سڄي سنسار جي سمنڊن جي پاڻيءَ کي مس بڻايان ۽ سيني وڻن کي قلم بڻائي تڏهن بہ دادا جن جي مهما جو ورنن نہ ڪري سگهان. اُنهن جي مهما اَپرمپار آهي.

دادا جن پراڻن کان پيارا، دلين جا دلارا، اکين جا تارا، سڀ کان نيارا آهن. جي چاهين تہ خالق کي ڏسان تہ ڪر ديدار دادل جو، اُهو آهي ”خلق ۾ خالق“.

دادا هن جنم ڏينهن جي هيءَ ننڍڙي ڀيٽا سويڪار ڪريو. ڇا تہ تاريخ جو اِتفاق آهي ۲۰۰۸-۸-۲. سنسار ۾ ۲ شيون آهن پريوُ، پرڪرتي ۽ سنتن مهاتمائن لاءِ ۸ انگہ ڪم آندو ويندو آهي. شاهن جو شاهہ شهنشاهہ، ديس پرديس ۾ اُنهن جي واه واه آهي. دادا جن پنهنجي قوم ۽ ديش لاءِ ڇا ڇا نہ ڪيو آهي! دادا جن ثابت ڪري ڏيکاريو آهي جن جو يار دلبر آهي، اُن کي ڪنهنجو بہ ڊپ نہ آهي ڇو تہ جنهنجو رب تنهنجو سڀ!

اڇو تہ سڀ دادا جن لاءِ پريوءَ در وينتي ڪريون ”هي پريوُ! دادا جن جڳہ جڳہ جيئن، سرير تندرست هجي ۽ اَسان سيني کي پنهنجي مهر جو مينهن وسائين ۽ جيئن اَسين اُنهن جي چرنن ۾ رهون.“

سيني جاڪرتا واسين جا ڪوٽي ڪوٽي پرڻام. ساڌو واسواڻي سينٽر جاڪرتا وارن جا اَٿاهہ پيار.

رکپال، جوانن جا رهبر، سڀني وشوَ جا داتا!

اهڙا ستگروُ درلڀ آهن تڏهن چيو اٿن ''سوُن ۾ سُجهن ڪون
هزارن ۾ هڪِ ڪون، ڪروڙين ۾ ڪونهن هن چيتن چاڙهي تي ڪ
کو چڙهندو، جيئن اَسانجا دادا بينڪ ست چت آنند سروپ آهن!

دادا جن جي سکيا هن ڪلجڳ ۾ تمام سرل آهي.

۱. چون ڪر قبول (Learn to accept) ڏس پنهنجا اوگڻ ۽ ٻين جا گڻ

۲. پريان سندي پار جي مڙيوئي مٺائي، ڪانهي ڪرائي چڪين جي
چيت ڙي، يعني جيڪي ڪجهہ پريوءَ وٺان اچي ٿو سکہ يا دکہ اُه
بيشڪ اَسانجي فائدي لاءِ آهي ڇو تہ پريوُ آهي ڀلو. اُن جا ڪم آهن
ڀلا، اُهو جيڪي ڪجهہ ڪري ٿو، اُن ۾ آهي ڀلائي. (پڪ ڪر، وشواس
رکہ).

۳. چون ڏيو ڏيو، جيڪو ڏيندا سو اوهانجو پر جيڪو رکندا سو ٿيند
رک (Ash).

۴. ڪمن جو ڪم آهي پاڻ سڃاڻڻ، سڀني دنيا جي خبر رکڻ ما
کهڙو فائدو سڀ ڪان نج فائدو آهي ''اَپنا موُل پڇاڻ.''

۵. سڀ کان سوُلو ۽ بنا خرچ آهي ''منو ڳالهايو ۽ نورت ڪريو
جنهنجو پاڻ ساڪشيات مثال آهن. شال سمجهون، دادا جن جي سر
سکيا تي هلي پنهنجو مارگہ درشن ڪري جيون سڦل بڻايون.

دادا جن اَچن ڪپڙن ۾ لڪل لعل آهن! داداجن خدا کان ج
ڪونهن ۽ خدا کان ڪم ناهن، شال دادا جن شاد رهن، آباد رهن
اَسانکي ياد رهن.

رام بہ تون، ڪرشن بہ تون، سڀ ۾ تون ۽ تون مونکي تہ ڪپي
تون!

پريوءَ جا ڪوٽي ڪوٽي شڪرانا جو اَسانکي دادل جن جهڙا اَنمول ر
سنگرو روپ ۾ ڏنا اٿن. اُنهن جي اَسيم ڪرپا سان اَٿاهہ مهر سان اَسين ه

رات جو ۹ بجي مکيہ هال جي پاسي ۾ اڪيلائيءَ ۾ هڪ گڏجاڻي طئہ ڪيل هئي. تنهن ڪانپوءِ لڳو لڳہ روم ۾ دادل ڪي مِشن جي ورڪنگہ ڪاميٽيءَ ۾ ويٺو هو. وشيہ هو سنڌي شڪشا ۽ ساهت سنگت طرفان هلايل تحرڪ جو پنج سالن جي ڪم جي وستار جو پورو بيوريو دادل کي ڏجي ۽ اڳتي لاءِ واهر ۽ آسيس ونجي.

جيئن مان منڙي دادا ڪي احوال ڏيڻ شروع ڪيو تہ دادا سائينءَ کي جهٽ اِهو محسوس ٿيو تہ مان پاسي واري روم ۾ هلي ورڪنگہ ڪاميٽي (صلاحڪار ڪاميٽي) ۾ اِهي پارت جي سنڌين جا برجستا احوال، اَپياس ۽ اڳتي جي يوجنا سيني ميمبرن اڳيان رکان. دادا جي هن ڪوٺ، دادا وٽان مليل محبت ۽ پنهنجپائي مُنهنجي اکين ۾ ڳوڙها آڻي ڇڏيا. تہ دادا سائين هن ناچيز کي ايترو اَموليہ وقت ۽ لاثاني موقعو ڪيئن ڏنو؟ پر اِها سندس اونهي شخصيت ۽ سنڌيت جي لاءِ قرب جو ڪمال هو. بس ۲۴-۲۵ ميمبرن اڳيان ۲۰-۲۵ منٽ منهنجو احوال ٿيو. دادا سائين منهنجي پر ۾ وينا رهيا. مان اِئين پئي محسوس ڪريان جڻ سندن پيار قرب ۽ آسيس جا تجلا منهنجي حوصلي کي اجان تيز ۽ قوت بخشيندا پئي رهيا ۽ يقينن هن تحرڪي مِشن کي بل ملندو رهندو.

ٻہ اڻ وسرندڙ ملاقاتون

- پريم تولاڻ

هونئن تہ دادا سائين کي اَنيڪ دفعا ڏٺو ۽ ٻڌو هو. پر هي زندگي جو دائما من تي ڇاپ هڻندڙ منڙو واقع سنڌي ۽ سنڌيت جي سرهاڻ ڏيندڙ آهي.

١٨ مارچ ٢٠٠١ تي اڳواٽ مقرر ڪيل ملاقات دادل سان اڪيلي سِر منجهند جو ٣٠-١ بجي ٿي. موضوعن ''سموري ديش ۾ سنڌي جي ڳوٺ ڳوٺ، ٽائونس ۽ شهرن ۾ روبرو وڃي سنڌين کي وِساري سنڌي ورثي لاءِ وري ياد ڏياري جاڳائڻو'' جي تحرڪ هلائ پريرڻادائڪ بڻائڻو هو. بس! هن تحرڪ جي طريقي ۽ شڪليءَ ت دادا جن سان صلاح مصلحت ڪري آسيس وٺڻي هئي.

دادا سان پوني مشن جي سامهون عارضي نهيل هال جي ه روم ۾ ١٥ منٽ ڳالهائڻ ٿيو. داداجن بيحد صبر سان منهنجي ه يوجنا کي ٻڌو. داداجن جو گنڀير چهرو، وشيہ کي اونهائيءَ س سمجهڻ ۽ هنڊائڻ جي شڪتي، سنڌي جاتيءَ لاءِ پيار ۽ سنڌيت ک زندهہ رکڻ جي اون ۽ لوچ مون سندن ۾ اُتي پرکي.

داداجن ۾ نئڙت، نماڻائي، پيار، قرب. دادا ڪان ٻيو ڪو اولي حاصل ڪري. دادا جن ڪرسيءَ تان اُٿي مونکي ڀاڪر پائي، اِه لفظ چيا، ''تہ مان پياري پريم ۾ اَٿاهہ اُتساهہ سان گڏ، محڪ اِرادو، ۽ اکين ۾ جوت ٿو ڏسان، هيءُ هن تحرڪ کي ڪنهن صح دِشا ۾ پهچائيندو.''

بروقت ننڍي ڪاميٽي، دادي رتنا واسواڻيءَ جي ڪنوينر س ٺاهي ويئي. جنهن معرفت اَسان کي هن مِشن وٽان هر دفعي رهبر ۽ ڪائيند ۾ مدد ملندي رهي.

ٻيو واقع :

١٨ آگسٽ ٢٠٠٦ تي دادا صاحبن سان سنسنگہ ڪانپوءِ پوني

ڇهڻ جي ڪوشش ڪئي ته هڪدم هٿ پڪڙي پنهنجي مستڪ تي رکي چيائين، ”مان آسيس وٺڻ آيو آهيان!“ چا ته دادا جي نماڻائي، نمرتا ۽ نهٺائي! اَسانجو دادا ايشوَر آشرم ۾ رهيل هو. بروقت دادا ايشوَر کي ماڻهو موڪلي نياپو موڪليو. پنهنجي ڪمري مان آفيس ۾ ايندي ئي دادا ايشوَر قرب، سڪ ۽ پيار مان پياري دادا جشن کي جهڪي پاکر پاتو. پوءِ ته ٻنهي سنتن جو هي سهڻو سنگم ڏسڻ وٽان هو. دادا ايشوَر نيزاري ڪندي پياري دادا جشن کي فرش تان اُٿاري ڪوچ تي پاڻ سان گڏ ويهاريو. سچ ته هي اهڙو اڻ وسرندڙ نظارو هو، جيڪو اڄ به آفيس ۾ وهندي سمورو درشيہ پيو اکين اڳيان ڦرندو آهي.

ٻيو اڻ وسرندڙ واقعو پوني جو آهي. اَمرت ويلا مندر، پوني ۾ نئين سِر نهرايو ويو هو. ۱۹۹۱ع ۾ اُن جي مهورت تي پياري دادا جشن کي به نينڊ ڏني ويئي هئي. دادا جي آگمن جي اِنتظار ۾ اَسانجو پيارو دادا ايشوَر پنهنجن سهيوگي شيواڌارين سميت دروازي تي سندن سواگت ڪرڻ لاءِ ترسيو بيٺو هو. جيئن ئي دروازي ٻاهر گاڏي اچي بيٺي، دادا ايشوَر ٻاهر نڪري پياري دادا جي اڳواني ڪئي. ٻنهي گڏجي مکيہ دروازي اَندر پرويش ڪيو. اَسانجو دادا ايشوَر هميشھ سنتن اڳيان ڏنڊوت نمسڪار ڪندو آهي، جيئن نِمي اِئين ڪرڻ تي هئو، ته هڪدم دادا جشن يري ڪري پاکر ۾ قابو ڪيس اِهو به هڪ اهڙو ته سرڳہ جهڙو درشيہ هئو، جيڪو هڪ اڻ وسرندڙ واقعو بڻجي پيو آهي. جيون ۾ ڪي اهڙا خوشنما ۽ اکين کي آنند ڏيندڙ پل بڻجي گذرن ٿا، جن کي وساري نہ سگهبو آهي. خاص ڪري جن مهان هستين ۽ اوچ ڪوٽيءَ جي مهاپرشن جي سنگہ ۽ صحبت ۾ جي گهڙيون گهارجن ٿيون اُنهن جو اثر حياتيءَ جو هڪ عمدو آزمودو ۽ اَنيوَ بڻجي پوندو آهي. اُنکي ڪڏهن وساري نہ سگهبو آهي.

ڪي اڻ وسرندڙ پل پياري دادا جشن جي سنگ ۾!

- ليکڪ : ڀائو هيمن ڪنڊالا

شانتي ۽ سيتلتا جا سروور آهن سنت، جيڪي مانوتا جي اوچائيءَ تان نرمل ڌارا جي روپ ۾ وسڪارو ڪري هن سنسا جي دکن روپي تپت کي ٻجهائين ٿا. منش جڏهن جڏهن مانو جي مارگ کان ڀٽڪي ويندو آهي، تڏهن تڏهن ايشور جو آديش پائي، سچکنڊ ۾ نواس ڪندڙ اَمر آتمائون هن پرٿويءَ تي پڌارجن ٿيون ۽ اُنهن ڀٽڪيل منشن کي صحيح پٿ تي هلڻ لا پريرڻا ڪن ٿيون. اهڙو ئي مانوتا جو مسيحا پيارو دادا جشن جنهن پنهنجو جيون پياري گرديو دادا واسواڻيءَ جي چرنن سمرپت ڪيو، اڄ اَنيڪ منجهيل، مايوس ۽ ڀٽڪيلن کي ٻانهن کان جهلي دڳ لڳائي رهيو آهي. پياري دادا جشن کي نزديڪي کان ڏسڻ جا گهڻائي موقعا مليا آهن. پر ڪي اڻ وسرند ملاقاتون جيڪي وقت بہ وقت پيئون ياد پونديون آهن ۽ جيئ ۾ رومانچ پرجي ويندو آهي. ۱۹۸۴ع ۾ اَمرت ويلا آشرم، ڪنڊ جو مهورت - پوڄ دادي هري ديوي، اگم ديش جي مهان آن جي ڪرڪملن سان ٿيو هو. اڃا ٿورائي ڏينهن ٿيا هئا تہ ه شام جو اچانڪ جيئن جو بادلن مان وچ جو چمڪات ٿيندو آه پيارو دادا جشن آفيس اَندر ڪِرِ ساٿين سان اچي هڪدم فر تي ويهي رهيو. هي هڪ اهڙو واقعو ٿيو هو، جنهن لاءِ بلڪ تياري ڪونہ هئي. هر هر اکيون چنيپي هي داس ڏسڻ ڪوشش پيو ڪري تہ هيءَ حقيقت آهي يا سپنو! هيڏانهن پنهنجي مڌر مسڪان سان نينهن جي نگاهن سان نهاري ر هو. آخر ڪرسيءَ تان ٽپ ڏيئي دادا جي نزديڪ ايندي

منهنجو رهبر - پوڄنيہ دادا جشن

- شريمتي پارپتي رامڪرشن آڏواڻي

ڪافي سال اڳ جي وارتا آهي، جڏهن مان ايس.ايس.سي. بورڊ ۽ يونيورسٽيءَ جي سنڌي وشيہ لاءِ ايگزئمنر ۽ ماڊريٽر هوندي هيس. مونسان پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، پروفيسر ناگراڻي، ڊاڪٽر ديال آشا، پروفيسر ايشوري جوتواڻي، پرنسيپال ممتورا ۽ سترامداس سائل بہ ڪم ڪندا هئا.

هڪ دفعي ڳالهہ هيئن اچي ٿي. جڏهن پيپرن جاچڻ جو ڪم پورو ڪيم ۽ ريجسٽرار کي پهچائڻ کان اڳ هڪ دفعو وري پيپر ڳڻيم تہ هڪ وديارٿيءَ جو پيپر ڏٺم تہ گُم آهي. مان حيران تہ هي ڪم ٿيو ڪيئن؟ ڪمري ۾ مون کانسواءِ ٻيو ڪير بہ ڪونہ هوندو هو. پوءِ ڪرسيءَ هيٺان، ميز هيٺان، بستري جي چادرن وچ ۾ گهڻوئي ڳوليم، پر پيپر چوي تہ مان ڇو تو ليکان؟

سڀ حيلا هلائي جڏهن ٿڪس تڏهن پنهنجي گهوٽ کي تار ڪيم تہ هڪدم پوني ۾ اچ. هتي ضروري ڪم آهي. هو هڪدم ورندي گاڏيءَ ۾ اچي پهتو. ساڻس پيپر گم ٿيڻ واري ڳالهہ ڪيم. پوءِ تہ ٻئي لڳي وياسين پيپرن جا بنڊل ڳڻڻ. سوچيم مون کان ڀل ٿي سگهي ٿي. هي اِها ڀل ڳولهي لهندو. وري وري ٻنهي گڏجي پيپرن جا بنڊل ڳڻيا پر محنت ئي ويرٿ ويئي. وري بہ هڪ وديارٿيءَ جي ڪاپي عدم پيدا.

آخر سوچيوسين تہ هلي ٿا دادا جشن سان اَندر جو حال اوڙيون. شام واري ستسنگہ ۾ وياسين. من ۾ پرارٿنا پيا ڪريون

نہ فقط اسانجي سنڌي سماج پر سموري مانوَ جاتيءَ لاءِ هڪ
آدرشي رهبر آهن دادا جشن! پرم پتا پرميشوَر جي چرنن ۾ اِهائي
پرارٿنا آهي تہ سالم ۽ سگهاڙي تندرستي ۽ صحت سان اجا
وڌي آورجا اَسانجي مربي پياري دادا جشن کي بخشي، جيئن
اجا گهڻن منجهيلن کي سنئين دڳہ لڳائي، آس جي جوت جڳائي
۽ آتم شڪتيءَ جو ديپڪ جلائي!

منڙي محبوب، پياري دادا جشن جي چرنن ۾ سِر جهڪائي
آسيس گهري ٿو، ڀائو هيمن، نماڻو شيوڪ، اَمرت ويلا آشرم
ڪنڊالا جو!

دادا جشن جو ٢ آگسٽ ٢٠٠٨ تي نوي جنم ڏِڻ مبارڪ

- ليکڪ : پريوُ وفا

دادا جشن لاءِ مونکي گهڻي عزت آهي. دادا جشن جو نانءُ ڪنهن سنڌيءَ نہ ٻڌو هوندو. جنهن نہ ٻڌو هوندو سو سنڌي نہ هوندو. دادا جن نہ صرف سنڌ هند ۾ پر دنيا جي اَنيڪ دوردراز ديسن ۾ بہ مشهور آهي. سندس نالو پيارو، پوتر ۽ پوڄا لائق آهي. ساريءَ سنڌي جاتيءَ جو روشن منار آهي. سندس شخصيت مهان آهي. هڪ نماڻو نشڪام شيوڪ ۽ ڪرميوگي ۽ اوچ درجي جو فيلسوف، روحاني رهبر ۽ ست پرک آهي. اَرمان اَٿم تہ شخصي طور مان سندس سمپرڪ ۾ اچي نہ سگهيو آهيان. اِها منهنجي بدقسمتي چئبي پر گهڻن موقعن تي سندس درشن نصيب ٿيو آهي ۽ سندس پروچن ٻڌا اٿم. سندس مشغولين ۽ اڌياتمڪ ڪاريہ ڪرمن جي جاڻ رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. هن ساري پنهنجي زندگي اِنسان ذات جي روحاني ترقيءَ جي واسطي سمپرڻ ڪري ڇڏي آهي. حقيقت ۾ دادا جشن جو ڌرم اِنسان پرستي مڃڻ کپي. هو نہ هندو نہ مسلمان پر هڪ سچو صوفي آهي.

ياد ٿو اچي اُهو ننڍپڻ جو زمانو جڏهن پهريون ڀيرو اٽڪل ٧٥ سال اڳ (هن وقت مان ١٩ سيپٽمبر ٢٠٠٧ تي ٩٢ سال پورا ڪري ٩٣ ۾ پير پاتو آهي) جڏهن لاڙڪاڻہ هاءِ اسڪول ۾ پنجون يا ڇهون انگريزي پڙهندو هوس تہ سدا حيات گرديوَ ساڌو ٽي.ايل. واسواڻي اَسان جي شهر لاڙڪاڻہ ۾ پڌاريا هئا ۽ سرگواسي ساڌو ريجهوُ لاهوريءَ جا اچي مهمان ٿيا هئا. سندس اوطاق تي ڪيترائي لاڙڪاڻي نواسي، جن ۾ مان بہ هوس، گرديوَ ساڌو واسواڻيءَ جا پروچن ٻڌڻ لاءِ اچي ڪٺا ٿيا هئاسين. مان جڏهن پهريون ڀيرو ساڌو واسواڻي جن کي ڏٺو تہ مونکي اِئين لڳو تہ ڄڻ بينگال مان گرديوَ رابيندر ناٿ ٽئگور اَسان جي شهر ۾ پڌاريو آهي. سندس آواز اَنوکو، سريلو، ماکيءَ جهڙو مٺو هو ۽ سندس

تہ شل دادا جن گڏجن. ستسنگہ پورو ٿيو تہ ڪي ستسنگي دادا
کان آسيس وٺڻ لاءِ ترسندا آهن. اَسين بہ اِن لائين ۾ ٿورو
پاسيرو ٿي بيٺاسين جو اَسانکي دادا سان اَندر جو حال اوڙڻو
هو. جڏهن اَسانجو وارو آيو تہ دادا هميشهہ جيان مٺي مُشڪ
سان اَسان سان گڏيو. اَسان دادا جن سان مٿئين مسئلي جو
ذڪر ڪيو. ڪين ٻڌايم تہ ور ور ڳڻپ ڪانپوءِ بہ هڪ وديارٿي
جو نوٽبوڪ ملي ئي نہ ٿو. دادا ٻہ مِنٽ اکيون بند ڪري سانت
۾ بيٺو رهيو. پوءِ اکيون کولي چيائين تہ ''پارپتي وري وڃي
ڪاپيون جاچي ڏس ڪٿي هڪ بنڊل ۾ ٻن وديارٿين جون
ڪاپيون گڏ تہ ڪونہ ٻڌجي ويئون اَٿيئي.'' اَسين گهر واپس
آياسين. ڪجهہ بہ مٺو نہ پيو لڳي. دادا وڏي دلداري ڏني
يڪدم ويناسين سيئي پيپر مٿان کان وٺي چيڪ ڪرڻ
اَسانجي حيرت جي حد نہ رهي جڏهن ڏٺوسين تہ برابر هڪ
بنڊل ۾ ٻن وديارٿين جون ڪاپيون گڏ ٻڌل آهن. سک جو ساهہ
کنيوسين ۽ من ئي من ۾ دادا جي هن مُلهائتي ۽ مهلائتي
مصعلت لاءِ شڪرانا پي مڃياسين. دادا رهبر بڻجي منهنجي
مشڪل آسان بڻائي. دادا شيام!

پري چڏيم. اُن واقعي مان ظاهر هو تہ هو ڪيڏو نہ حليم ۽ نِهٺو هو. اهڙن مهاپرشن کي اهم ڇُهي بہ نہ ٿو سگهي. مونکي ياد ٿو اچي تہ اُن موقعي تي مونکي ”نُوري گرنٽ“ سان نوازيو ويو هو. عمر ۾ وڏو ٿيڻ ڪا وڏي ڳالهہ ناهي. مان تہ هن اڳيان تڇ آهيان. دادا جن وڏا عالم ۽ عاقل آهن. اهڙي عظيم شخصيت ۽ مهان وڀوتيءَ اڳيان منهنجو وار وار نمسڪار آهي.

چوٿون ڀيرو دادا سان ملاقات وري بہ پُوني ۾ ٿي ٿي جڏهن ڊاڪٽر رام بخشاڻيءَ جي ماتا ايشوري بائي بخشاڻي اَوارڊ وٺڻ ويس. هال کچاکچ وڏين هستين سان ڀريل هو ۽ دادا جشن گلن سان سينگاريل ڪرسيءَ تي جلوه افروز هو. مان بہ اکر سندس شخصيت تي ڳالهايا. مونکي سنڌي ساهت ۽ خاص ڪري سنڌي شاعريءَ لاءِ عمر ڀر جي يوگدان واسطي اَوارڊ دادا جشن جي شڀ هٿن سان ٿي مليو. اَوارڊ وٺي مان پاڻ کي وڏ ڀاڳي سمجهيو.

ڪافي عرصي کانپوءِ پنجون ڀيرون دادا جشن جو درشن ممبئيءَ ۾ ٿيو. جڏهن باندرا نئشنل ڪاليج جي منچ تي پروچن ڏيڻ لاءِ براجمان هو جتي مان سندس پروچن ٻڌڻ لاءِ ويو هوس. ليڪچر جي دؤران هن هڪ سِٽ چئي. ماڻهو پنڌرپور ۾ وڃي وٺل جي مورتيءَ جو درشن ڪن ٿا پر اِندرپور ۾ وڃي سندس درشن ڪرڻ ۾ مزو ئي اؤر آهي. اُن مان پريرڻا پائي هڪ غزل لکيم :

” اکيون پوُٽ ۽ پاءِ هڪ جيءَ ۾ جهاتي،
نہ ٻاهر اُهو جو اَندر ۾ مزو آ. “

پر هڪ ٻئي غزل ۾ دادا جن جو ساڳيو خيال هوُبهو ساڳين لفظن ۾ دهرايو آهي :

”ڏِڪ پڪڙيو ٿي پنڍرپور جو،
وٺ آنند ڪاڄه اَندرپوُر جو،
دل ۾ ئي ڪعبو ڪاشي آ،
چا ملندءِ مساجد مندر ۾.

نوراني چهرو چنڊ وانگر ٿئي چمڪيو. بلڪل هڪ اَللهہ لوڪ ٿئي لڳو
ڳويا شانتيءَ جو دوُت بڻي ۽ پيار جو سنديش کڻي آسمان تان لهي
زمين تي آيو هو. ڳالهائڻ سان مونکي ايترو تہ مگڌ ڪري ڇڏيائين
جو پڇاڙيءَ تائين شانتيءَ ۾ شرڌاپورڻ ڪيس ٻڌندو رهيس. دادا جشن
بہ ڳرديوَ سان گڏ آيل هو. ننڍڙو ٻالڪ پيو لڳي تہ ساڌو واسواڻيءَ جي
پنيان پئي ڦريو ۽ سندس شيوا ٽهل ۽ سار سنڀال لهڻ لاءِ هر وقت
هڪيو حاضر رهندو هو. شايد ننڍڙي هوندي کان ئي سندس شش
پڳت هو.

ٻيو پيرو دادا جشن کي تڏهن ڏٺم جڏهن ١٩٣٤ ۾ مئٽرڪ پاس
ڪري ڪراچيءَ آيس ۽ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ F.Y.A. ۾ داخل ٿيس
ڪاليج ۾ ڊبيٽس (Debates) ٿيندا هئا. هڪ شام جو ڪاليج جي من
تي دادا جشن کي ڊبيٽ ڪندو ڏٺم. وڏن وڏن بي.اي. شاگردن
پروفيسرن جي وچ ۾ دادا جشن هڪ ٻار پيو لڳي پر بُلند آواز ۾ انگريزي
۾ ليڪچر ڏيئي رهيو هو. سچ تہ سندس همٿ کي شاباس آهي. ما
سندس شخصيت کان ڪافي متاثر ٿيس.

ٽيون پيرو هندستان جي ورهاڱي بعد منهنجو ممبئيءَ کان پونا
وڃڻ ٿيو. ساڌو واسواڻي آستان جي بلڪل ويجهو پائتي وٽ آغاخا
ايسٽيٽ جي گهرن ۾ رهندو هوس. هڪ شام جو اُن آستان تي ويس
اُن وقت دادا جشن سدا حيات ڳرديوَ ساڌو واسواڻيءَ جي جيونيءَ تي
ڳالهائي رهيو هو. جڏهن سيني ڪاريہ ڪرمن کان فارغ ٿيو تہ وڃ
ساڻس مليم. جهڪي سندس چرن ڇهيا. هي پهريون دفعو هو تہ دا
سان مڪاميلي ٿيس ۽ ساڻس ڳالهائڻ جو شرف مليو. ڳالهائڻ جي
دؤران مون کيس پنهنجي سڃاڻپ ڏني ۽ ٻڌايو تہ کيس ڪراچ
ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ ڊبيٽ ڪندو ڏٺو هو. کيس پنهنجي ع
ٻڌايم تہ چيائين توهان مون کان ٢ سال ڪن وڏا آهيو. پيرين پ
مونکي کپندو هو نہ اوهان کي. اِئين چوندي چوندي پيرين پوڻ
اُٿي هيٺ جهڪڻ تي هو تہ مان تڪڙو کيس مٿي اُٿاري پاڪ

اسانجو دادا .....

شوپا لعلچنداڻي

دادا جشن واسواڻيءَ جي وياکياڻ ڪافي متاثر ڪندڙ آهي. سندن شبد سڌو دل ۾ گهر ڪري وڃن ٿا ۽ من ۾ پوريءَ طرح پريوءَ جو پيار پري ڇڏين ٿا. سندن وياکياڻ جي هڪ خاص خاصيت اِها آهي تہ سندن مثال هميشہ اصلي زندگيءَ سان واسطو رکندڙ هوندا آهن ۽ ڪيترين ئي جيون جون گهرايون هوُ بلڪل صاف ۽ سڌن لفظن ۾ آسانيءَ سان بيان ڪري ويندا آهن جيڪي ٻڌندڙن جي دل تي گهڻو اثر ڪنديون آهن. سندن سادي ڀاشا، وشال ويچار، سندن بيهڪ، دل کي متاثر ڪندڙ آواز، سنتن جي جيون مان ڪيل مثال ۽ پورب ۽ پشچم جي جدا جدا ڪنيل ڪهاڻين ۽ مثالن ذريعي سمجهاڻيون درشڪن کي هميشہ سنٻڌ ڪري ڇڏيندا آهن ۽ درشڪ پاڻ کي هڪ الڳ ئي دنيا ۾ محسوس ڪرڻ لڳندا آهن. سندن لفظ ڪيترن کي ٻڌي اِئين لڳندو آهي تہ اُهي خاص طور سان هنن جي لاءِ ئي چيا ويا آهن.

سندن جيون تي گيتا جي اُپديشن جو ڪافي اثر آهي. هوُ هن سنسار ۾ هوندي بہ، هن سنسار جا ڪونہ آهن. سندن پريم سان پريل اکين جي هڪ نظر ئي ڪيترن عورتن ۽ پرشن جي دل جي مونجهارن کي دور ڪري ڇڏيندي آهي. ڪر شُڪرا! ڪر شُڪرا! جو اَديت منتر چمتڪاري ڪم ڪندو آهي. جيڪڏهن سندن زندگيءَ جي راز کي ٻن لفظن ۾ بيان ڪرڻو هجي تہ اِهي لفظ هوندا - اِنسانيت ۽ پيار.

''هڪ حياتي بچائڻ لاءِ دنيا ۾ ڪابہ قيمت وڏي ڪونهي'' اِهي ويچار آهن دادا جا، جي باغ ۾ گل پٽڻ بہ ڪونہ پسند ڪندا آهن. سندن مطابق اِهي بہ ساهوارا آهن ۽ اَسانکي ڪين سندن پريوار کان جدا ڪرڻ جو ڪوبہ حق ڪونهي.

هٿ ايندءِ ڪوڏيون ۽ ڪنڪر،
ڪجهه ڇارِ به ڇولين جي ڇَرَ ۾،
موتي جي ميڙڻ تو چاهين،
وڃ اونهو ساگر جي تَرَ ۾."

دادا جشن پنهنجي گرديوَ ساڌو ٽي.ايل. واسواڻيءَ جي نقش قد
هلي رهيو آهي. گرديوَ وانگر پڪين، پسن ۽ اِنسانن کي پيار ڪندو آهي
پنهنجي خوشي سيني سان ونڊيندو ۽ غمسينن سان غمخواري ڪند
آهي. مان ته دادا جشن کي عشق جو اوتار ڪري مڃيندو آهيان. ڪاڻ
مونکي به دادا جهڙو ڪو غمخوار ملي. مان هڪ غزل ۾ لکيو آهي :

"هن بي وفا دنيا ۾ ڪوئي يار ملي،
اڄ يار به وِرلي تو وفادار ملي،
ڏينهن رات هي غم کائي تو منهنجيءَ دل کي،
غم کائي سگهي دل ته ڪو غمخوار ملي،
آعشق ندا، عشق عبادت آ وفا،
سجدو ڪبو جت عشق جو اوتار ملي."

جڏهن جڏهن مون هي شعر لکيو ته منهنجي نظر جو مرڪ
(Focus) دادا جشن هو.

ڏيهه جي ڏاهن ۽ سنتن مهاتمائن کان ٻڌو آهي ته سنتُ
پنهنجن ششن کي پنهنجي روپ ۾ بدلي ڇڏيندو آهي. پوجنيه س
واسواڻي ننڍڙي ئي دادا جشن ۽ ما هري واسواڻيءَ ۾ اهڙا سنسڪ
پريا آهن جن جو ڦُل اڄ دنيا ڀر ۾ ٻهڪي رهيو آهي ۽ چوڌاري خوش
ڦهلائي رهيو آهي. شل پرڪرتي ماتا ۽ ساڌو ٽي.ايل. واسواڻيءَ ج
آسيسون کيس وڏي عمر ۽ سٺي صحت بخشي ۽ اِنسان ذات جي خ
ڪري سنڌي جاتيءَ جي شيوا ۽ اُنتي ڪندو رهي.

ڪلاسي پڙهڻ ۾ ڪمزور هوندا هئا ته هيءُ ٻاجهارو، همدرد، تيزفهم، ڪامپيوٽرائيزڊ سمرڻ شڪتي ڌارڻ ڪندڙ ٻالڪ جشن اُنهنکي ويهي پاڙهيندو هئو. هيءُ رحمدل ٻالڪ پنهنجي خرچيءَ مان پئسا بچائي ضرورتمند ٻارن کي ٽول وني ڏيندو هئو. صبوح جو ڪڏ تي وڃي پکين لاءِ پاڻي پيري رکندو هئو ۽ اُنهن لاءِ چانور ۽ ٻاجهري رکي ايندو هئو. جڏهن هوُ پکين کي کاڌو کارائيندو هئو تڏهن پکي سندس چوڌاري ميڙاڪو ڪري وينا هوندا هئا. ننڍپڻ کان ئي هيءُ پيارو پکين کي پيار ڪندو آهي. ٻچپن کان ئي سندس دل مکڻ جيان ملايم هوندي هئي. هوُ ڪنهنجو به دک درد سهي ڪين سگهندو هئو. ڪو فقير، لوُلو لنگڙو، ڪو اَپاهج، بکايل ڏسندو هئو ته پنهنجي کيسي جي خرچي به اُنکي ڏيئي ڇڏيندو هئو. هڪ دفعي گهر ۾ سيني ڀائرن ۽ ڀينرن کي چيائين ته اچو ته هفتي ۾ هڪ ڏينهن جي خرچي بچائي، اُنهن پئسن مان ڪن بکايلن کي کارايون. تن ڏينهن ۾ پئسو يا ٽڪو روزانو خرچي ملندي هئي. پئسي ۾ ٽي پايون هونديون هيون ۽ پائيءَ جو به ٽول ملندو هئو. ٻالڪ جشن جي اِها ڳالهه سيني کي وڻي ۽ سيني ڀائرن ڀينرن قبول ڪيو. پيارو ٻالڪ جشن هفتي ۾ هڪ ڏينهن سيني کان خرچيءَ جا پئسا گڏ ڪري، اِنهن پئسن مان پڪوڙا، ڊبروٽيون وني بکايل فقيرن کي کارائي ايندو هو کين پاڻي پيئاريندو هئو، اِهي فقير کيس دل و جان سان دعائون ڪندا هئا.

پوجنيه دادا جشن کي ننڍي هوندي کان ئي غريبن ۽ دکين لاءِ دل ۾ درد ۽ ديا هئي. هوُ ديا ۽ همدرديءَ جو ساگر هئو ۽ آهي. هڪ دفعي سندس ماتا ٻالڪ جشن کي چيو، ”جشن، اڄ ڪڙهي ڀاهي اَٿم. ديگڙو چلهه تي رکيو آهي. وڃي هڪ پئسي جا ’ڪوُڪم‘ وني اچ. هوُ سدورو آگياڪاري ٻالڪ ويو پر اڃا ٿورو اڳيان هليو ئي مس ته کيس رستي تي هڪ غريب گڏيو جنهن هن ٻالڪ ڏانهن هٿ ڦهلائي دلسوز آواز ۾ کائڻ ڪجهه گهريو. ٻالڪ جشن جي دل ۾ ديا اچي ويئي ۽ هن اُنکي اِهو پئسو ڏيئي ڇڏيو. ماتا ٻالڪ کان ڪوڪمن لاءِ پڇيو. ٻالڪ اهڙو ڪچي جهڙي پت. ٻالڪ جشن ماتا کي سربستي ڳالهه ٻڌائيندي چيو، ”ڀايي، مونکي ’ڪوُڪم‘ ته وسري ويا پر ’هوُڪم‘ ياد آيا.“

ننڍن ٻارن کي سياويڪ طور رانديڪا ڏاڍا وڻندا آهن. ٻالڪ جشن روز هڪ رستي تان لنگهندو هئو. اُتي هڪ رانديڪن جي دڪان جي شوڪيس ۾ هڪ سهڻي ريل گاڏي رکيل هئي. هن جي دل اڃا منموهن ريل گاڏي خريد

دردمندن جو سهارو، دادا جشن پيار

- پرنسيپال ٻلديو ٻذراڻي

ساڌو سنت، رشي-مُني، گياني-ڌياني آسانجي زندگي روپي ٻيڙ
جا ڪاهل ڪشتيبال ٿين ٿا جيڪي آسانجي جيون ڪشتيءَ کي ڀوساگر ج
لهرن لوڏن کان پار لنگهائي صحيح سلامت ڪناري تي پهچائين ٿا. اهڙ
سنتن مهاپرشن مان هڪ آهي آسانجي من مندر جي مورتي، نينهن ۾ نيار
سادگيءَ ۾ سونهارو، آسانجو روحاني رهبر، يگہ پرش، ديا جو ساگر، اهنسا
اوتار، پوڄيہ دادا جشن. سندس پوتر جنم حيدرآباد سنڌ ۾ ٢ آگسٽ ٩١٨
واسواڻي ڪٽنب ۾ ٿيو هئو. ماتا ڪرشنا ديوي ۽ پتا شري پهلاجراءِ ڌرمش
هئا. ايشوَر ۾ اَٽوٽ عقيدي وارا نيڪ پرش هئا. پريوءَ جي ڀڳتياڻي م
صورت ۽ سيرت جي سنگم سچي سنت دادا جشن کي جنم ڏيئي پنهنج
ڪڪہ سڦلي ڪئي. ماتا پتا جي شڀ سنسڪارن جو ٻالڪ جشن تي ڪا
پرياءُ پيو. ٢ آگسٽ نوراني نور دادا جشن جو ٩٠ جنم ڏِينِ آهي.

"اڄ وري، وري ويئون واڌايون،
اڄو تہ دادا جشن جو جنم ڏِنِ ملهايون،
مڃي شڪر ايشوَر جا ٿورا ڳايون،
وڏي آورجا ۽ سالم صحت لاءِ پلئہ پايون."

ٻالڪ جشن جي جنم تي چوڌاري خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وي
چاچي ساڌو واسواڻيءَ ٻالڪ جشن کي پنهنجي پاڪ هنج ۾ کنيو. ک
نوراني نظر سان نهال ڪري ڇڏيو. ٻالڪ کي نينهن جا نياپا موڪليا. گر
ساڌو واسواڻيءَ ٻالڪ جشن جي من موهيندڙ مکڙي ڏانهن نهاري، مصر
جي خرچي ڏيئي سندس اُجول آئيندهہ لاءِ آسيس ڪئي. پوڄيہ
واسواڻيءَ ٻالڪ جشن جهڙي هيري کي پنهنجي ڇترڇايا ۾ رهبري، آس
۽ سندر سکيا سان تراشي ڪوهينور بڻائي ڇڏيو. جيئن سوامي رامڪ
پرمهنس نوجوان نريندر کي پنهنجي ديا درشتيءَ سان سوامي وويڪ
بڻايو تيئن هيءُ اَلوڪڪ ٻالڪ پڻ پنهنجي گروءَ جي رهنمائيءَ هيٺ ل
ڪروڙين ڀليل ڀٽڪيل اِنسانن جو روحاني رهبر، روشن منار بڻجي پيو. ا
جڳہ پرسڌ ڀومُڪي شخصيت، مقناطيسي ڪشش جو مرڪز بڻجي پيو آ

ٻالڪ جشن جي دل ۾ ديا ۽ همدردي هوندي هئي. سندس ڪي

پنهنجي اُپديشن ۾، پستڪن ۾ پاڻکن کي، سماج جي پنتي پيل طبقي، غريبن، دردمندن، اَناٿن، يتيمن، بي سهارن، وڌوائن، پيڙتن ڏانهن مدد جو هٿ ڏگهيڙڻ جي نيڪ صلاح ڏيندو آهي. سندس نظرن ۾ مانوَ ڌرم ئي سچو ڌرم آهي. دين دکين تي ديا ڪرڻ سان ئي ڌڻيءَ جو ديدار ٿئي ٿو. جيڪڏهن ڪير محبوب جو مشاهدو ماڻڻ چاهي ٿو، جانب جو جلوو پسڻ چاهي ٿو ته اِهو کيس خلق جي خدمت ۾ ئي پلئه پوندو. غريبن جو مسيحا دادا جشن پنهنجن اُپديشن ۾ سدائين چوندو آهي،

.No Allopathy, No Homeopathy, No Naturopathy but sympathy

"سوَ گهر جي عبادت سان آباد ڪرين،
تنهن کان ته بهتر، هڪ دل شاد ڪرين."

شاهه صاحب جو قولُ آهي :

"روزا ۽ نمازون، ايءُ پڻ چڱو ڪم،
او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسين پرينءَ کي."

ديالو دادا جشن وٽ روزانو دکي، دردمند اِنسانن جا سوين خط اچن ٿا. پيارو دادا پنهنجي سک آرام کي تلانجلي ڏيئي اُنهنکي جواب دواران تسلي ڏيڻ جي، مدد ڪرڻ جي يٿاسنڀو ڪوشش ڪندو آهي. سندس رڳ رڳ ۾، نس نس ۾ سدائين همدرديءَ جو ساگر پيو ڇوليون پري!

پيارو دادا جشن سنيهه جو ساگر آهي. اڪٿ پنڊار آهي. هوُ اَسيم پيار جو اوتار وني هن پرتويءَ تي پڌاريو آهي. سندس سيني ۾ نه صرف اِنسان ذات لاءِ بلڪ سموري ڪائنات، پراڻي ماتر لاءِ سڪ سمايل آهي. پشپن-پتن لاءِ پڻ کيس پيار آهي. پيارو دادا چوندو آهي ته وڻن جا پن، پشپ نه ٽوڙيو. اُنهنکي به پنهنجا ڪٽنب آهن، پريوار آهن. اُنهنکي پٽي، ڇني کين ڪٽنب جي ڀاتين کان الڳ نه ڪريو. ڪيڏو نه مکڻ دل، ڪومل هرديه آهي اَسانجو پيارو دادا جشن! دادا جي دل ۾ پسن پکين، گگدامن لاءِ اَٿاهه پيار آهي. وري وري سندس نوراني نظر اُنهن بي زبان پراڻين ڏانهن ڊوڙي ويندي آهي. کيس بيحد دک ٿيندو آهي جو اَسين ٿوري وقت لاءِ زبان جي چشڪي کي ترپت ڪرڻ واسطي کين کهون ٿا، ڪاٺون ٿا. اَسانکي ٻئي جي حياتي وٺڻ جو ڪو حق ڪونهي. پرم پوڄيه دادا جشن جتي به ويندو آهي اُتي پنهنجي اُپديش ۾ حاضرين کي، پستڪن ۾ پاڻکن کي اُن ماس آهار کان پري رهڻ جي سهڻي صلاح ڏيندو آهي. آدرڻيه ساڌو واسواڻي صاحب پڻ اُنهن گگدامن جي رکيا، پلي، شيوا خاطر پنهنجو سمورو جيون سمرپڻ ڪيو. پنهنجي گرديوَ جو اِهو پيغام گهر گهر پهچائڻ لاءِ هيءُ پيارو پاڻ پنوڙي

ڪرڻ تي تي ۽ دڪاندار کان اُن جي قيمت پڇيائين. جنهن ڪيس هڪ رپي
قيمت ٻڌائي. تنِ ڏينهن ۾ ٻالڪ جشن کي روز هڪ پئسو خرچي ملندي
هئي. دل ۾ سوچڻ لڳو تہ چوهٹ پئسا ڪڏهن جمع ٿيندا جو ريل گاڏي خري
ڪري سگهندس! اُن وچ ۾ روزانو لنگهندي اُن ريل گاڏيءَ ڏانهن آسائتي
اکين سان نهاريندو هئو ۽ پنهنجي دل جي تمنا پوري ڪرڻ لاءِ پئسو پئس
گڏ ڪري هڪ رپيہ جمع ڪيائين. ٻالڪ جشن جي خوشيءَ جي سيما ئي
هئي. هوُ اُن ڏينهن ايترو تہ خوش هئو جيئن ڪنهنکي ڪبير جو خزانو هٿ
اچي ويو هجي! هڪ ڏينهن اُهو رپيہ کٹي ريل گاڏي خريد ڪرڻ لاءِ دڪ
ڏانهن هليو. دل ۾ بيحد خوش هئو تہ اڄ ريل گاڏي خريد ڪرڻ جي منهنجي
هيترن ڏينهن جي اِڇا پوري ٿيندي. اِن دڪان جي ڀرسان فوٽ پاٿ ت
هڪ غريب مائي ويٺي هئي جنهنکي ٻہ ٻار هئا. هڪ ٻار بکايل هئو ۽ ٻ
کي بخار هئو ۽ مائي مدد لاءِ ٻاڏائي چوڻ لڳي، ”منهنجي ٻار کي بخار آه
آهي ڪو جو منهنجي ٻار جي دوا درمل لاءِ مونکي هڪ رپيہ ڏئي؟“ ٻال
جشن اِها پڪار ٻڌي ٿو. سندس هٿ وارو رپيہ رڪجي وڃي ٿو. سوچي ٿو
هاڻي مان ڇا ڪريان؟ ريل گاڏي وٺان يا هن دکي ٻار جي مدد ڪريا
دردیلو آواز سندس ڪنن ۾ گونجڻ لڳو پر نظر رانديڪي ۾ کُتل هئي. ٻا
جشن جي اندرين اکہ کليل هئي. مائيءَ جي دردیلي پڪار جو موم دل ٻا
جشن تي اهڙو تہ گهرو اثر ٿيو جو ريل گاڏي خريد ڪرڻ جو هيتري و
کان سانڍيل خيال لاهي اِهو رپيہ مائيءَ کي ڏيئي ڇڏيائين. اهڙو هئو ٻاجهار
بي سهارن جو سهارو ٻالڪ جشن!

دادا جشن کي ديا ۽ شيوا جا گڻ ماتا پتا ۽ گرديوَ ساڌو واسواڻي
ورثي ۾ مليل آهن. هوُ دکين، دريدرن، مسڪينن، محتاجن، بي سهارن
متر آهي. هيڻن جو همراه آهي. ”هي دين دکي مسڪين آهن پريوءَ
روپ، اُنهنجي شيوا بہ پريوءَ جي پوڄا آهي.“ پنهنجي گرديوَ جي اِن و
کي دادا جشن پنهنجي جيون ۾ مورتيمان ڪيو آهي. دادا تہ سياري
رات جو ڪيئن نہ ڪن شيواڌارين کي وٺي ڪنبلن جا ڳنا ڪٹائي نڪ
آهي! رستن جي فوٽ پاٿن تي يا اوسي پاسي ۾ ڪي بي اَجهي، بنا بس
غريب، مسڪين سمهيل هوندا آهن تہ پيارو دادا جشن اُنهن مٿان ڪ
وجهندو ويندو آهي. ڏڻ وار يا وڏن ڏينهن جي موقعن تي ڪيئن نہ ٻ
دادا اِنهن مسڪينن جي سار لهندو آهي، سندن شيوا ڪندو آهي! آس

كاڏيون اَتيئي. رس ڪڏهن پيئنديون؟'' نام سمرڻ جو سنديش ڏيندي چوي ٿو ته اهڙو سونهري وجهه وري هٿ نه ايندءِ. تنهن ڪري پريوءَ کي ياد ڪري، غريبن، گهرجائن، بي سهارن، گگدامن جي شيوا ڪري درلڀ مانک جنم سڦلو ڪريو.

ونڻ جو ميوو ٻين لاءِ هوندو آهي. نديءَ جو پاڻي ٻين جي پياس ٻجهائڻ لاءِ هوندو آهي تهڙيءَ طرح ساڌن سنتن جو پرٿويءَ تي پڌارجڻ پڻ لوڪ ڪلياڻ لاءِ هوندو آهي. جوڳي هڪ هنڌ نه ويهندا آهن، پيا رٽن ڪندا آهن. اَتڪ جوڳي دادا جشن پڻ پنهنجي گرديوَ جو پيغام هرهنڌ پهچائي ٿو. ڏيهه توڙ پرڏيهه ۾ دنيا جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ پنهنجي اَملهه سکيا ۾ گرديوَ جو سنديش سمائي پيو ٿو لوڪن کي جاڳرت ڪري. هيُ به پنهنجي سنگروءَ جيان بکايلن کي کارائي ٿو، دين دکين جي دل و جان سان مدد ڪري ٿو. ڪنيائن جي چوڏس چوڏار تعليم تي چڱو چوکو ڌيان ڏئي ٿو. ايشوَر جو نام جپائي ٿو. پسن پکين، گگدامن تي ديا ڪري ٿو. مريضن جي علاج لاءِ ڪوشش ڪري ٿو. پنهنجي من ۾ ايڪاگرتا آڻي، سانت ۾ ويهي ڌيان ڪري ٿو.

پارس پرش، منهنجي دل جي راڻي دادا جشن جا مونتي اَپار احسان آهن. پنهنجي رحم ڪرم جي نوراني نظر سان نوازيو اَٿس. ٻاجهه جو هٿ رکي ننڍي مان وڏو ڪيو اَٿس. من خوشنصيب آهيان جو سدائين هن ڪامل ستپرکه جي ڇترڇايا ۾ رهيو آهيان. قدم قدم تي، ٽپ ٽپ تي منهنجو هٿ پڪڙي رکيا ڪئي اَٿس ۽ وشواس اَٿم ته اَنتم گهڙيءَ تائين مونتي سندس آسيس رهندي، ڪرپا درشٽي رهندي، ''آراڌيون، اوهان جا ڏنو، جيڪي ڏنو مون...''

ايشوَر در اهائي نماڻي پرارٿنا آهي ته شل پريوُ، اِنسان ذات جي خدمتگار، پراڻي ماتر جي شيوڪ دادا جشن کي پنهنجي ديا جي ڀنڊار مان، گنبج مان سالم صحت ۽ وڏي آورجا بخشي جيئن اَسان ڀليل ڀٽڪيل منشن جي گهٽي ۾ گهٽي راهه روشن ڪندو رهي!

پوڄيه دادا، هينئن جا هار، من جا منٺار، پنهنجي داس جون ۹۰ جنم ڏن تي مبارڪون، لک لک واڌايون، وارون وار پرڻام، نمسڪار قبول ڪندا ۽ پنهنجي ڪرپا جو ڪڻو مونکي به ڏيندا!

''جڳ جڳ جيئي دادا، شڪرانا مالڪ،
رکجس صحت سالم، جڳت جا او پالڪا!''

رهيو آهي. هر سال ٢٥ نومبر ”ويشنو ڏينهن“ طور ديش وديش ۾ ملها
ويندو آهي. اِن ڏينهن هندستان جي ڪيترن شهرن ۾ ڪوس گهر بند رهند
آهن. اِن ڏينهن ساڌو واسواڻي مِشن، پُٺي وٽ ڪروڙن جي تعداد ۾ ماڻهن
وٽان پرتگيا پتر پهچندا آهن جن ۾ ماڻهو اِن ڏينهن لاءِ، ڪجهہ ڏينهن
۽ ڪي سدائين لاءِ ويشنو ٿي رهڻ جي پرتگيا ڪندا آهن. خوشيءَ جي ڳالھ
آهي تہ اِن ڏس ۾ ماڻهن ۾ چڱي جاڳرتا، ٻوجهہ پئدا ٿي آهي ۽ ماڻهو اِ
هنسڪ کاڌي کي ترڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ۽ ويشنو کاڌي جي
اهميت محسوس ڪري رهيا آهن.

ننڍڙن معصوم ٻارن لاءِ پياري دادا جشن وٽ پيار جو اَملھہ، اَسيم ينڊ
آهي. وقت بہ وقت ٻارن جي وچ ۾ ويهي اُنهن سان روح رهاڻ ڪري ڏا
خوش ٿيندو آهي ۽ ٻارن جي خوشيءَ جي تہ سيما ئي نہ هوندي آهي! گيت
۾ ڪرشن جي اَرجن کي ڏنل سکيا ۾ وشواس اَٽس ۽ اُن موجب روحاني گيا
جي چوڏس چوڏار ڦهلاءَ سان گڏوگڏ غريبن، بي سهارن، گهرجائن جي شيو
شڪشا ۽ صحت جي سهوليتن لاءِ ڏينهن رات پاڻ پتوڙي رهيو آهي. هُو لاهوتي
لال سچي روپ ۾ ڪرميوگي آهي. يگہ پرش دادا جشن دين دکين جو سهار
هيڻن جو همراهہ تہ آهي ئي پر اُنهن شخصن لاءِ بہ سچو سونهون آهي ج
وٽ سائينءَ جي ديا سان سنسار جا سڀ سکہ سهنج ميسر آهن پر آتمڪ آن
کان وانجهيل آهن. اهڙن اِنسانن جي آڌياتمڪ پياس ٻجهائڻ لاءِ ڪ
اَنيڪ اخلاقي وهنواري نسخا ڏيئي سندن اُداس، اونداهي من ۾ اُميد، اُم
۽ آنند جي جوت جاڳائي ٿو. سندن سچو مِتر، رهنما بڻجي کين سک ۽ ش
جي صحيح راهہ ڏيکاري ٿو. لاکيڻو لال دادا جشن سادي پوشاڪ، معصوم ٻا
جيان موهيندڙ مکڙي تي سدا بهار مُشڪ، عجيب لرزش پئدا ڪندڙ م
سنگيت ۽ سک پريا ٻول، نينهن پري نهار، پارس جيان جادوئي، چمتڪا
ڇهاءُ، رهڻي ڪهڻيءَ ۾ سمانتا جو آدرش پيش ڪري، ڇايادار، ميويدار
جيان لوڪ ڪلياڻ ۾ پنهنجو جيون بسر ڪري رهيو آهي.

پوجيہ دادا جشن مالهيءَ جيان اَسانجي جيون روپي ڦلواڙيءَ مان بر
روپي ڪندا دور ڪري اَسانجو گلشن سرسبز رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ه
سنپر کہ اَسانکي غفلت جي ننڊ مان سجاڳہ ڪرڻ جو يتن ڪندو رهي ٿو. ه
روحاني فرشتو اَسانکي چوي ٿو :

.Tragedy of man is he thinks there is Plenty of time

اَسانکي بيدار ڪندي چوي ٿو، ”پيارا، سچي زندگي ڪمند جون ڪ

ڪوچ تي چڙهي ويا آهن. مون اِها ڳوٿري کولي ته اِنهيءَ ۾ بِسڪوٽن جي پُڙن سان گڏ هڪ وڏو لفافو وڏي رقم سان ڀريل پيو هو. مان حيرت ۾ حيران ٿي ويس ۽ يڪدم موبائيل تي ڀاءُ رام ميرچنداڻيءَ کي فون ڪيم ته دادا اِجهو هيئن منهنجي مدد لاءِ پئسا ڇڏي ويا آهن. توهين اِهي مونکان واپس گهرايو.

ڀاءُ ميرچنداڻيءَ چيو ته مان ڪجهه به نٿو ڪري سگهان. پر مان توهانجو نياپو دادا جن کي پهچائيندس. بعد ۾ مونکي ٻڌايو ويو ته دادا جن جڏهن ممبئيءَ ۾ ايندا تڏهن اچي مونکان پئسا وٺندا. ڪافي وقت گذرڻ بعد دادا جن ڪونه آيا. پوءِ مون اُن لفافي ۾ پنهنجو به ڪٿو داڻو وجهي ڀاءُ رام ميرچنداڻيءَ کي پهچايو.

تنهن ڏينهن کان مون کي پتو پيو ته ساڌو واسواڻي مِشن وارا ڪيئن نه گپت نموني ۾ سفيد پوشن جي شيوا ڪري رهيا آهن. هاڻي مان به اِن يگيه ۾ پنهنجو ڀاڱيهي ڀاڱمرادو ڪٿو داڻو شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. سيني دانويرن کي دادا جي مثال جي پوئواري ڪري اِن نموني سفيد پوشن جي مدد ڪرڻ گهرجي. اڄ به دادا جي مبارڪ پڙاڏجڻ جي يادگيري ايندي آهي ته دل گد گد ٿيندي آهي. دادا شيام.

(نوٽ: مون ڀاءُ رامڪرشن آڏواڻي، مشهور ليکڪ جنهن جو سنڌي ساهتيه ۾ وڏو يوگدان ڏنل آهي ته هن کي فون تي وينتي ڪئي ته پياري دادا سان ڪنهن اڻ وسرندڙ ملاقات جو ذڪر ڪري، سندس طبيعت ناچاڪ هئي ته به قرب ڪري هيءُ ليک موڪليائين، ٿورن ڏينهن کان پوءِ منڙي دادل شاهه جي ڪمل قدمن ۾ وڃي پهتو. پيارو دادا جشن شل ڪيس پنهنجي مهر ۾ رکي. پونم چندرو ملاڻي)

دادا جشن ۽ سفيد پوشن جي شيو

- سرڳواسي رامڪرشن هيرانند آڏواڻي 'راهي

۾ ٽي سال اڳ جڏهن دنيا جي اَنيڪ ديشن ۾ سنامي قهر مچائي ڏنو، لکين گهر سمنڊ جي اَندر غائب ٿي ويا، لکين ماڻهو بي گهر ٿيا ۽ مري ويا، چوڌاري هاهاڪار مچي ويو، نيڪ اُن ڏينهن اَسانج پيارو دادا جشن، منهنجي ديکہ ڀال ڪرڻ لاءِ، دل جي آپريشن ڪرائڻ جي باوجود، ورلي ممبئيءَ ۾ منهنجي گهر پڌاريا هئا.

اٽڪل منو ڪلاڪ ڪن مونسان روح رهاڻ ڪيائون. ياءُ را ميرچنداڻي ۽ ڪي ميران مشن جون پينر ساڻن هيون. مون دادا ک ٻڌايو تہ منهنجي ماتا صاحب ٻڌائيندي هئي تہ اَسان جا سوٽ سا هيرانند ۽ ساڌو نولراءِ سفيد پوشن جي گهرن ۾ وڃي سندن مدد ڪ لاءِ، لڪائي وهاڻي جي هيٺان ناڻي جون ڳوٿڙيون ڇڏي ايندا ه مون دادا کي ٻڌايو تہ مان تازوئي اِسپتال مان آپريشن ڪرائي گ واپس آيو آهيان. منهنجي من ۾ اِهو ويچار ور ور ڪري پيو اچي شايد پرماتما مون کان بہ ڪي پر اُپڪار جا ڪم ڪرائڻ ٿو چاه منهنجي من جي بہ اِهائي اِڇا آهي تہ مان بہ ڳجهہ ڳوهہ ۾ ڪ سفيد پوشن جي اهڙي نموني مدد ڪريان. آسيس ڪندا تہ منه اِهو سپنو ساڪار بڻجي.

هاڻي دادا جي موڪلائڻ جو وقت اچي ٿيو. دادا مون موڪلايو. مون من ئي من ۾ چيو، ''اڄ ڏينهن سڀاڳو آيو، گرو اَسان گهر ۾ آيو، ڀاڳہ ڀلا ٿو ڀانيان، خوش ٿيو آهيان.''

جڏهن پوڄنيہ دادا پنهنجي آسيس جي ورکا وسائي واپس لاءِ اُٿيا، تہ هڪ ڳوٿري کوچ تي ڇڏي هيٺ لٿا. پارپتي ۽ س پينر جڏهن دادا کي اُپرائي گهر ۾ آيون تہ ڏسن تہ دادا هڪ ڳو

دادا جڳ جو پيارو ۽ دلين جو دلارو آهي. دکين جو دلدار آهي. اَناٿن جو آسرو آهي. هُو ٻڍڙن جو ٻل آهي تہ لاعلاج بيمارن لاءِ وڏو آٿت آهي. سندس درشن ڪري هُو گد گد ٿيندا آهن. جوانن ۾ جوش ۽ جنبش پيدا ڪرڻ وارو آهي منهنجو منڙو پيارو دادا!

سندن ڪھڙو نہ پيارو نالو آهي جشن. جتي وڃي اُتي جشن (خوشيون) ٿي وڃن. پيار جي جھرڻي مثل پيو پيار ڏيندو آهي. جتي رکي پير، اُتي گڏ ٿي وڃي خوشين جو ڍير. ميلا لڳن ۽ چھرا چمڪڻ لڳن. چڻ خوشي ۽ آنند جي ورکا وسندي آهي.

پيارو دادا پنهنجو ڪيترو وقت سانت ۾ گذاريندو آهي. گھڻوئي وقت هُو پنهنجي ڪٽيا (ڪوٺيءَ) جو در بند ڪري پاڻ سان هوندو آهي. سندس درشن لاءِ جيڪي اُتي ايندا آهن، اُهي اِنتظار ۾ هوندا آهن تہ ڪڏهن ٿو منڙو مرشد دروازو کولي ۽ گھنڊڻ وڄائي.

مان صبوح جو پنڌ ڪرڻ ايندي آهيان پوتر سماڌيءَ جي. پرسان ڪي پينرون، ڪي پائر ۽ ڪي اِسڪول جا ٻار بيٺا هوندا آهن تہ ڪي وينا هوندا آهن. پر سندن نظر هڪ ٽِڪ سامهون منڙي محبوب جي بالڪنيءَ ۾ هوندي آهي. ڇو تہ هُو بلڪل سانت ۾ ويهڻ لاءِ بالڪنيءَ جو، رستي وارو دروازو بند ڪرڻ ايندو آهي. هيٺ بيٺل درشن پائي ڪري نهار وٺي ڪلندا خوش ٿيندا موٽندا آهن. اِن لاءِ ڪي تمام سويل اچن جيئن اُهو سويل صبوح جو درشن مِس نہ ڪن پوءِ پل ڪلاڪ ترسڻو پوي. هڪ ئي نظر سان نهال ڪري ڇڏيندو اَٿن. ڪجھہ وقت بعد وري جڏهن دروازو کلي ۽ گھنڊڻي وڄائيندو آهي تہ وايومنڊل ۾ هلچل مچي ويندي آهي. ڪا ٻالڪي رنڍڻي مان ڊوڙندي ايندي تہ ڪا لکڻ جو ڪم اڌ ۾ ڇڏي پهچندي. ڪا ڪپڙن جي اِستري اڌ ۾ ئي ڇڏي اچي دادا جي در وٽ پهچندي آهي.

هڪ دفعي ياترا تي هئاسين تہ اَسانجي **hostess** ميزبان اِهو نظارو مُگڌ ٿي ويئي! پوءِ مونکي چيائين! ''شري ياٻوت ۾ لکيل آهي تہ شري

منڙي دادا جشن سان
منڙيون يادگيريون

- پروفيسر نرملا جوتواڻي

ننڍي هوندي مون هڪ ڪتاب پڙهيو اُن ۾ هڪ هنڌ ڪنهن پنهنجي پياري کي هينئيان اکر لکيا هئا، اڄ صبوح جو اوچتو اُهي اکر منهنجي د ستار تي وڄڻ لڳا :

تعريف تنهنجي ڪهڙي ڪريان؟
جي ست ساگر مَسُ هجي،
وڻ سڀ قلم ۽ پرٿوي ساري پنو هجي،
ته به تعريف نه تنهنجي پوري ڪريان!

اڄ جڏهن پنهنجي مٺي مرشد، پريم جي ديوتا لاءِ لکڻ جو ويچ ٿيو ته سمجهي نٿي سگهان ته ڪٿان شروع ڪريان؟ ڪيئن شرو ڪريان؟ جو ته هيءَ پرٿوي ته پوري نه پوندي جو ته دل ۾ اَٿا اُمنگه اُٿي رهيا آهن. شايد آڪاش ۾ اُڏامڻو پويم؛ چنڊ ۽ تارن س به اُمنگه ونڊڻا پوَن. سچ ته هي پريوءَ جا پيارا، اَللهه جا عاشق اِس آهن. سندن وجود مون لاءِ ۽ ٻين ڪيترن لاءِ جيون جو جياپو آهي.

جڏهن جڏهن مان راڌا راڻيءَ جو ڌيان ڪريان ته ڪرشن ڪنه تصور ۾ اڳين اچي بيهي. جي پاروَتيءَ جو سوچيان ته شوَ ڀولان مُشڪندو اچي براجمان ٿئي ۽ جي سيتا جو سوچيان ته شري رام اڳ اڳيان پهچندو آهي. لڪشميءَ کي سڏيان ته وشنو نارائڻ جو در ملندو اَٿم ۽ جڏهن مان پنهنجو ويچار ڪريان ته اَنجليءَ جو مُشڪ مُکڙو نظرن ۾ نچڻ لڳندو آهي. اُها سندس مُشڪ سچي وجود کي ا ته مهڪائي ڇڏيندي آهي جو دل مان دعا پيئي نڪرندي آهي!

''جُڙيو هجين جهان ۾،
شال عمر ٿئي ئي گهٽي ۽ گهٽي!''

اِڪ الوڪڪ درويش - دادا جشن

(هريش سچديوَ)

پوڄيم دادا جشن سان پهرين ملاقات ٿي، اِن ڳالهہ کي ٣٥ سالن کان بہ وڌيڪ وقت ٿيو. اِهو روحاني ناتو ڪيئن جڙيو؟ اِهو ناتو تڏهن جُڙي ٿو جڏهن پريوءَ جي ڪرپا اچي چمڪي ٿي. پاڻمرادو، اِنسان اِهو نتو جوڙي سگهي. پورو وقت ٿي، پريوُ پاڻ ڪنهن نہ ڪنهن ذريعي يا ڪنهن گهٽنا دواران اچي ٿو ۽ اُن سياڳي کي اچي ويهاري ٿو، مرشد جي مڪتب ۾ جنهن سان هُن جو ناتو جنم جنمانتر کان آهي! سچ پڇ تہ جيوَ جو اِن کان مٿي، ٻيو ڪوبہ پرم سوڀاڳيہ ڪين آهي.

هڪ ڏينهن لکنئو شهر ۾ آهيان ۽ هڪ پيار مائٽ جي گهر وينو هوس. چانهہ ويٺي پيتم. اُنهن ٻارن سامهون هڪ مائيءَ کان گرم پڪوڙا گهرايا ۽ جنهن پني ۾ پڪوڙا پيل هئا اُن ۾ ڪجهہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل هو. اِن ليکہ کي پڙهڻ تي دل ٿي. پڙهي پورو ڪيم تہ مون کي اَلائي ڇا محسوس ٿيو. ڪي منٽ تہ سُن ۾ اچي ويس. پوءِ پاڻ کي چوڻ لڳس : ”اَجايا سجايا ناوَل ۽ اخبارون وينو پڙهان! ڪڏهن ويچار ئي ڪونہ ڪيو اَٿم تہ هيترا سُندر پستڪ جيڪي هيرن موتين سان پريل آهن اُهي بہ پڙهڻ گهرجن!“ اُن پني جي مٿان لکيل هو سنت ماتا، جنهن ۾ گروجن جي ٻاڻيءَ جي وياکيا ڪيل هئي.

پتو ڪيم تہ اِهي پستڪ ڪٿي ملي سگهندا؟ ڏس مليو تہ چار باغ اِستيشن جي سامهون بابا ناڪرداس جو گهر آهي جو پوڄيہ ساڌو واسواڻي صاحبن جو پرم ڀڳت آهي. اُهو پڻ پياري دادا جا پستڪ ونڊيندو ۽ ورهائيندو آهي. اُت وڃان ٿو. پاڻ شري ناڪرداس، شرير جي چولي ۾ ڪين هئا. پر سندن ڌرمپتني جا هڪ ڀڳتياڻي اِستري هئي تنهن بہ وڏيون وڏيون ٽرنڪون کولي چيو : ”پٽ! جيترا بہ ڪتاب چاهين ڪڍي وڃ. پاڻ بہ پڙهہ ۽ وڃي وِراهہ. پياري دادا جو وڏو

ڪرشن جڏهن مُرلي وڄائيندو هو تہ گوپيون سُڌ ٻڌ وڃائي، گهر گهـ
ڇڏي ڊوڙنديون وٽس پهچي وينديون هيون ۽ سچ پچ اُهو جيڪ
پڙهيو هوم، سو اڄ اکين سان ڏٺم!''

هڪ يادگيري اچيم ٿي. منهنجي منڙي ممي پارت پومي ۽ ڪ
پري هانگہ ڪانگہ شهر ۾ هئي. دادا جشن سان سندس ڏاڍو منو ن
هوندو هو. دل ۾ سڪ شرڌا هوندي هئس. ٽِن ڏينهن ۾ فون اچان اي
عام جام ۽ سستو بہ ڪونہ هوندو هو. اِتفاق سان ضروري ڪم يا ني
هوندو هو تہ فون ڪبو هو. هڪ ڏينهن مونکي فون ڪيائين تہ م
چيومانس ''ممي تون ڪيئن آهين؟'' منهنجو آواز ٻڌي پريل آوا
چيائين، ''مان ٺيڪ آهيان پر ڪڪوُ (نرملا) تو تہ منهنجي سِڪ وڌا
ڇڏي. دادا جشن وانگر پڇيئہ تہ مان ڪيئن آهيان؟ تہ پياري ج
دادا جو منڙو مُکڙو اچي اڳيان بيٺو آهي ۽ دل گد گد پيئي ٿئي. د
جي سنگہ ۾ رهي تنهنجو پڇڻ ڪيترو نہ مِٺو آهي. مان ٺيڪ آهي
تون شال سدائين دادا جشن جي سنگہ ۾ رهين. مون چيو ''ممي بس
آسيس ڪندي اَچج.'' اُن بعد وري ممي ۽ جو آواز نہ ٻڌي سگهيس.
پرم ڌام، ڏانهن اُڏامي ويئي ۽ پنيان ڇڏي ويئي منڙين يادگيرين
ڍير!! دادا پيارو سنگہ تي ڏاڍو زور ڏيندو آهي. جهڙو سنگہ تهڙو ر
جهڙو ڏيان تهڙو اِنسان. شال دادا جشن جي آسيس سيني مٿان س
رهي ۽ شال پريوُ کين صحتمند ۽ وڏي آورجا بخشي.

سان لڳائي چيائين : ”پلي آيا، پلي آيا.“ اِن وچ ۾ نرملا پيڻ پڇيو : ”توهين ڪهڙي شهر کان آيا آهيو.“ منهنجي ڌرمپتنيءَ چيو تہ ڀوپال کان. اَسان سان گڏ اَسانجي ٣ سالن جي نياڻي هئي. دادا، نرملا کي چيو تہ هن ٻالڪيءَ کي پڪڙ پايو. نرملا يڪدم ويئي ۽ پاڪڙ ۽ ڪي رانديڪا کڻي آئي ۽ دادا جن، ساڌو واسواڻي جي جوت اڳيان اَسان جي نياڻيءَ کي پڪر پاتائون. پوءِ پُڇيائين تہ توهين ڪٿي لٿل آهيو؟ ٻڌايوسون، تہ بابا گنگارام خط ڏنو ۽ اَسين اِسٽيشن جي سامهون رهيل آهيون. پوڄيہ دادا جشن پياري ياءُ پمي کي آهستي ڪجھ چيو. پوءِ هوُ اَسانکي پنهنجي گھر وٺي هليو ۽ ماني وغيره کارايائين. اهڙيءَ طرح پونا ۾ ڪي ڏينهن رهياسين پر پاڻ کي سُرڳہ جي واتاورڻ ۾ پي سمجھيوسين. هڪ ڏينهن دادا وري پاڻ سان گڏ سسُون اِسپتال ۾ وٺي هليا. اُت ڦل فروٽ پي ورهايائون ۽ بيمارن کان حال احوال پي پڇائون. اُنهن سان اهڙي طرح پي گفتگو ڪيائون ڄڻ سندن پنهنجي گھر جا ڀاتي هجن. وري عجب ڳالھ ڪهڙي ڏٺيسين؟ دادا جشن چپ چاپ مريضن جي وهاڻي هيٺ ڪافي رپيا پئي رکندا ويا. مريضن جون اکيون ڪيئن نہ خوشيءَ وچان پي چمڪيون! اَسان اهڙو ڪيل تہ ڪڏهن ڪين ڏٺو هو ۽ حئرت ۾ حيران پي ٿياسين.

جيڪي ڏينهن رهياسين، دادا جن اَسان کي نرمل پيار، خوب پيئاريندا رهيا ۽ وقت بہ وقت پڻ اَسان کان حال احوال بہ وٺندا رهيا. وڃڻ ڏينهن پڻ پنهنجي مهر نظر سان نهال ڪري ڇڏيائين ۽ چيائين : ”پيارا! توهين اَسان جا پنهنجا آهيو، وري وري پيا اَچجو.“ اِنهن اکرن تہ هٽي اَسان جي دل ۾ گهري ڪري ڇڏيو. اِن کان مٿي پلا ٻيو ڪهڙو سوُيا ڳيہ ٿي سگھي ٿو؟

اهڙي طرح اَسان جي نينهن جو ناتو وڌندو رهيو ۽ دادا جشن جا آسيس پريا پتر پڻ اچڻ لڳا. خطن دوارن اَسانجو روحاني ناتو روشن ٿيندو رهيو ۽ جيون جي ڳجھارت سمجھڻ ۾ اچڻ لڳي تہ هي زندگي

پُڇ ڪندين.'' مان نه هيترا سارا پستڪ ڏسي وائڙو ٿي ويس. پاڻ
چوڻ لڳس : ''هي پريوُ! اَنڊو گهر هڪ اڪ پر تون ته، نه صرف
اڪيون ٿو ڏين پر گيان جي گنگا وهائي، ٿين اڪ ڪولڻ لاءِ آسيس
ڪرين!''

پاڻ سان شيام پتر ۽ سنت مالا جا ڪتاب کڻي جڏهن ڏاڪڻ ل
لڳس ته ايڏو آنند محسوس ڪيو ڄڻ ڪروڙين رپين جي جائداد م
لڳي هجي. سچ چيو اَٿن ته سنتن جي ٻاڻي اُهو ڌن آهي جو سن
جي ڪنهن به ڌن سان ڀيٽ نٿو ڪري سگهجي. دنيا جو ڌن، س
جي ٻاڻي اڳيان ڪِن ڪچرو آهي.

جيئن پستڪ وچان پيو وڌيڪ پڙهندو تيئن دادا جشن سان
جي پياس وڌي پيئي وڌندي. پريوءَ جي ڪرپا سان هڪ سي
ڏينهڙي اَنجل بٽيو ۽ ڌرمپتنيءَ سان گڏجي اچي پونا پهتاسين. اَ
ڪي ڪابه خبر ڪين هئي ته ڪٿ هلي لهجي. سو رِڪشا ۾ سا
سوڌو اچي مشن ۾ لٿاسون. اُنهن ڏينهن ۾ ساڌو واسواڻي آشرم ا
ڪين ٺهيو هو. اچانڪ بابا گنگارام سان ملاقات ٿي. اُنهن يڪدم
ڪئي. هڪ ليٽر ڏنائون ۽ اَسانکي اِسٽيشن جي سامهون ڌرمشالا ۾
سٺو ڪمرو ملي ويو.

اِشنان پاڻي ڪري وري مشن آياسين. منجهند جو وقت
اَسان مٿي ڪٽيا ۾ هلي وياسين. هن کان اڳه اَسان دادا جشن جو د
ڪڏهن ڪونه ڪيو هو. اُت اِڪ ساڌارڻ اڇن ڪپڙن ۾، دادا واسوا
جي جوت اڳيان هٿ جوڙي پي آيو. مونکي اِئين محسوس ٿ
دادا جشن ٿي سگهن ٿا. جيئن اڳيان آيا، منهنجي مُکه مان اچ
هي اکر نڪتا : سائين! دادا جشن توهين آهيو نه؟ مهر ڀري
سان، ڏاڍي قرب ۾ چيائين : ''پيارا! مان تنهنجو داس!'' بس
اکر مون ڇا ٻڌا، مان نه ڏاڍو مُنجهي پيس ۽ نيڻن سان نير وهڻ
بوندون بس نه ڪن. سندن پيرن تي ڪِري پيس. مون کي ڇ

مون چيناءِ! مان ڀاڳمرادو نٿو چئي سگهان. پرارٿنا ڪري اُٿان ٿو ۽ جوت جي آسيس وٺي جيئن ئي هٿ پنهنجي مُکَ تي گهمايان ٿو تہ اچانڪ ڇا ٿو محسوس ڪريان؟ هڪ زوردار چماٽ منهنجي ڳل تي اچي لڳي. پر اُت تہ ڪوبہ ماڻهو ڪين هو. جڏهن دادل شاهہ جي چتر ڏانهن نهاريم تہ چتر مُشڪي رهيو هو ۽ چئُ چئي رهيو هو : ”پيارا هريش! مون تنهنجي پرارٿنا ٻڌي آهي ۽ تو مٿان آسيس آهي.“

اُن چماٽ جو اثر ايڏو تہ گهڻو ٿيو جو شام جو ٽرين ۾ وڃڻ ڪانپوءِ سڄي رات منهنجي ڳل تي هلڪو سور رهيو ۽ اُن سور جو اثر لڳاتار ٽي ڏينهن رهيو. پر اِن روحاني چماٽ، منهنجا ڪپاٽ کولي ڇڏيا ۽ آهستي آهستي ڪري، اِنهن شين مان ڪراهت اچڻ لڳي. دادا اهڙي تہ دَيا ڪئي جو جلد ئي اِنهن ڪاڌن پيتن کان ڇٽي پيس ۽ پاڻ کي آزاد سمجهڻ لڳس. صحت بہ پهرين کان گهٽي، گهٽي سٺي رهڻ لڳي ۽ دادا جي مهر فضل سان برڪت جا ڀنڊار ويا پي ڀرپور ٿيندا.

وقت پنهنجي رفتار سان گذرندو ويو ۽ رٽائرمينٽ جو وقت بہ نزديڪ ايندو پي ويو. اَسان پٽي پٽني پاڻ ۾ فيصلو ڪيوسين تہ رٽائر ڪري اَسين پوني ۾ هلي سيٽل ڪنداسين. باقي جيون سنتن جي چرنن ۾ ويهي گذاريندا سين ۽ جا بہ سيوا ملندي نشڪام ڀاوَ ۾ هلي ڪنداسين. اڪثر اِن ڳالهہ جو ذڪر پياري دادا جشن سان هر ملاقات ۾ ڪندو هوس. دادا جن سانت ۾ ڳالهہ ٻڌندا هئا ۽ مُشڪي ڏيندا هئا. اڪر اِڪ بہ ڪين چوندا هئا. شايد اَندران ئي اَندران آسيس جون ڌارائون پي موڪليندا هئا. هڪ دفعي پونا ۾ آيل هئاسين. پريان هڪ سوسائٽيءَ ۾ فِليٽس پي نهيا. اَسان کي سُٺا سمجهہ ۾ آيا ۽ پنهنجي وِت اَنوسار آسانيءَ سان بُڪ ڪرائي پي سگهياسين. اُنهن ڏينهن ۾ دادا جشن پونا ۾ ڪين هئا. مُنجهي پياسين تہ ڇا ڪريون؟ شام جو ما هري ديويءَ سان صلاح ڪئيسون. اُنهن ڏيان ڌري چيو تہ

آسان کي عيش عشرت ۽ مزن ماڻڻ لاءِ ڪين ملي آهي. پر ڪنهن خا
ڪرتويہ لاءِ ملي آهي.

منهنجي نوڪري هڪ International Organization ۾ هئي
مونکي آفيس جي ڪم سان الڳہ الڳہ شهرن ۾ ڪافي ٽوُئر تي وڃ
پوندو هو. ٽرين ۾ سفر ڪرڻ مهل پڻ باٽي پڙهڻ جو سنو وجهہ ملن
هو جنهنڪري پنهنجي ڪم ڪار ۾ پريوُ پنهنجو اُتساهہ ۽ وشوا
پيو ڦوڪيندو هو. منهنجا Sales - Target بہ سوَلائيءَ سان پورا
ويندا هئا اِنڪري دادا جي ڪرپا سان ڪجهہ وقت ڪانپوءِ آفيس
هڪ پروموشن بہ مليو.

نوڪري اِن طرح هئي جو آسانجي آفيس جون وڏن هوٽ
۾ ڪانفرنسس وغيره ٿينديون هيون ۽ رات جو مانيءَ مهل شرا
ڪباب ۽ گانا بجانا ۽ نرتيہ ڊانس جا پروگرام ٿيندا هئا. آنءُ بہ ب
خوب وڻندو هوس پر رات جو سمهڻ مهل وويڪ اچي ڪائيندو هو ت
هيءُ جيون آسان کي اِنهن ڪمن لاءِ ملي آهي تہ موَج مزا ماڻيو
ڪائون پيئون ۽ مستي ڪريون. هڪ وڏي ڏينهن جي پروگرام تي
آيل هوس ۽ دادا جشن سان خلاصو مِلان ٿو. دادا جن سان پنهن
ڪُڏن ڪرتوتن جو ذڪر ڪريان ٿو ۽ چوان ٿو تہ دادا، نہ چاهيندي
مان شراب ڪباب کان پاڻ کي پري نٿو رکي سگهان. ترشنائن
وس ۾ جڪڙيل آهيان. مون تي اهڙي آسيس ڪيو جو اِنهن ک
پيتن کان شل ڇٽڪارو پايان. دادا جشن چيو تہ پيارا، گرديوَ
واسواڻي جي ڪتيا ۾ وڃي ڪجهہ منٽ ويهہ ۽ دل جي اونها
مان روئي ڪري دادل شاهہ کي پرارٿنا ڪر. هوُ ٻاجهارو آهي، ض
ديا ڪندو.

مان وڃي سانت ڪري ڪتيا ۾ ويهان ٿو. اُن وقت اُت
ڪين هو. مان پِنل اکين سان پرارٿنا ڪريان ٿو: ''سچي پاتشاهہ
گوشت شراب تہ اَندر ۾ اونڌهہ آڻين ٿا ۽ روڳہ پيدا ڪن ٿا. هي د

ڳالهيون ٻولهيون اچي نڪتيون. هن خوشيءَ سان ڀهرو پي ورتو. اُنهن ڏينهن ۾ مان هرروز هڪ Thought، دادا جشن جي پُستڪ Begin the Day With God منجهان نہ صرف پڙهي ويندو هوس، پر هڪ پني ٽُڪر تي پڻ لِکي ڪري ۽ پاڻ سان گڏ ڪيسي ۾ کڻي ويندو هوس. وقت بہ وقت اُن Thought کي **refer** ڪندو هوس، جنهن دواران مان پنهنجي ڪم ڪار ۾ عجيب ڪرشما ڏسندو هوس هِنن کي وارتالاپ جي دؤران، مون اِهو ٻڌائڻ تي چاهيو تہ اَسين جيڪو بہ دنياداريءَ جو ڪم ڪريون ٿا اُن ۾ سنتن جي ٻاڻي ڪيڏو نہ مددگار ثابت ٿئي ٿي. اِهو Thought وارو پنو ڪڍي، مون پڙهڻ لاءِ ڏنو، اُهو ڏينهن ١ ٣ آگسٽ جو هو ۽ اُن ڏينهن جو Thought هن طرح هو:

" Beloved Krishna is by you, with you, within you! He is nearer to you today than He was yesterday. Nearer to you than any of your friends can ever be. He is the life of your life, the Breath of your breath, Your health and your wisdom! He is Your All !

اِهوThought پڙهڻ کانپوءِ هُنن جي دلين تي ڪافي اثر پي نظر آيو. پوءِ وري اَلائي ڪيئن منهنجي برانچ مئنيجر پاڻمرادو ڊائريڪٽر صاحب کي چيو تہ مِسٽر سچديوَ پونا وڃڻ ٿو چاهي ڇو تہ هِن جو اُت فلئٽ تيار ٿي ويو آهي. پڻ رٽائرڊ جيون هي اُت ئي گذارڻ ٿو چاهي. هِن ٽرانسفر لاءِ ڪوشش تہ ڪئي پر language problem جي ڪري نہ ٿي سگهيس. تنهن تي چيائن تہ جنهنجو بہ نوڪريءَ ۾ باقي سال بہ رهيل هجي اُن لاءِ اَسين هڪ اِسڪيم ڪڍي رهيا آهيون جا مان توهان کي ممبئي پهچڻ کان پوءِ ٻڌائي سگهندس. وڏيڪ چيائين تہ مون کي پڪ آهي تہ هِن جو ڪو نہ ڪو سُٺو رستو نڪري ايندو. اِن وچ ۾ مان دادا کي پرارٿنا ڪندو رهيس تہ شل رهجي اچي. ٿوري وقت کانپوءِ مونکي ممبئي گهرائي لڳ ڀڳ سڄي سال جي پگهار ڏيئي Compensate ڪيائون ۽ پڻ رٽائرمينٽ ڏنائون. اِها هئي پياري دادا جي ڪرپا اَپار.

بيشڪ بُڪ ڪرائي ڇڏيو. پوءِ دادا جشن دهليءَ ۾ آيا ۽ اَسان بہ اُ
رهندا هئاسون. شام جو پنڌ ڪرڻ مهل، مون دادا کي پيپرس وغي
ڏيکاريا ۽ آسيس پني مانس. دادا خوشي ظاهر ڪندي چيو تہ، پيا
تون پنهنجي نوڪريءَ ۾ ڪافي پتڪيو آهين. هاڻي تون پلي اِ
اچي وشرام پاءِ. فلئٽس لاءِ قسطون ڀريندا رهياسون ۽ ١٩٩٣ ۾ اج
جڳهہ تيار ٿي. فلئٽ جي Possession لاءِ ليٽر اچڻ لڳا. پر اَسان
اڃان هڪ سال نوڪريءَ ۾ پيو هو. مون آفيس وارن کي وينتي ڪ
تہ باقي آخرين سال آهي جيڪڏهن توهين منهنجي بدلي پون
ڪريو تہ مان بيحد شڪر گذار ٿيندس. آفيس وارن اِن ڳالهہ تي ڪا
غور ڪيو پر نيٺ اِن نتيجي تي بيٺا تہ منهنجو سمورو ڪم مارڪيٽ
جو آهي ۽ مهاراشٽر ۾ مراٺي ٻولي آهي اِنڪري ٿي سگهي ٿو
ڪمپنيءَ جي business تي اثر پوي. پر مان نااُميد ڪين ٿيس ۽
ئي دل ۾ دادا کي پرارٿنا ڪندو رهيس تہ توهين ڪا راهہ روشن ڪر

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ ڪمپنيءَ جو هڪ ڊائريڪٽر .H.O ممب
مان، دهلي آيو جنهن چاهيو ٿي تہ ڪنهن بہ هڪ مارڪيٽ ۾ و
Survey ڪري ۽ دڪاندارن سان ملي. اِتفاق سان هِن مون واري مارڪ
کي چونڊيو. مان تہ ٻن منٽن لاءِ هڪو ٻڪو ٿي ويس ۽ اَندر ئي اَ
دادا کي پرارٿنا پئي ڪيم تہ اَءِ سڀاجها سائين! پت سان
پهچائجان. شل پڇاڙيءَ جي وقت ۾، سڀ سُک سان رهجي اَ
پياري دادا جي اهڙي ڪرپا ٿي جو هوُ جت بہ هليو ڪم ڏسي خ
پئي ٿيو. مالڪ جي مهر سان هڪ هڪ دڪاندار بہ هن کي مون لاءِ
نہ ڪي سنا اکر پئي چيا. ٿوري دير ۾ لنچ جو وقت ٿيو ۽ ڊائري
صاحب برانچ مئنيجر سان گڏجي، پنهنجي ٥ سٽار هوٽل ۾
ڪائڻ ٿي ويا. پر خبر ناهي هِن کي اَلائي ڪهڙي پريرڻا آئي جو
کي ڀاڪي چيائين : Mr. Sachdev. You also join us for Lunch
ڪاڏي ڪائڻ ڪان اڳہ سنڌس ڪمري ۾ کي پنهنجپائيءَ

پوجيہ دادا جشن واسواڻي هڪ سنت ڪوي ساهتيڪار جي روپ ۾

- ڊاڪٽر ديال 'آشا'

پوجنيہ دادا جشن گرديو ساڌو ٽي.ايل. واسواڻيءَ جيان اوچ ڪوٽيءَ جا ساهتيڪار ۽ فيلسوف بہ آهن. سندن تحرير ۽ تقرير ۾ تاثير آهي. هن صاحب انگريزي نثر چاهي نظم ۾ پاڻ موکيو آهي. 'ٽيئر ڊراپس' داداجن جي انگريزي ڪوتائن جو سنگرهہ آهي. انگريزي نثر ۾ پوجيہ داداجن ٽيهہ سندر سکياداءڪ پستڪ لکيا آهن، جن جي پڙهڻ سان روح کي راحت ملي ٿي. سنسار ۾ ڪيئن رهجي، اُن لاءِ بہ اُهي پستڪ اَسانجي رهنمائي ڪن ٿا. اِنهن پستڪن مان مکيہ آهن : 'لوُ ائنڊ لاف'، 'ڊيئر اِز نو ڊيٿ'، 'يو آر ناٽ اَلون'، 'فيسٽ آف لوُ'، 'لٽل لئمپس'، 'پرافيٽس ائنڊ پئٽرائٽ'، 'فرام هيل ٽُہ هيوَن'، 'وسپرس'، 'پڪچرس ائنڊ پئرابلس'، 'اي چائيلڊ آف گاڊ'، 'لائيف اِز لوُ اِسٽوري'، 'هائو ٽُہ اووَرڪم ٽينشن'، 'دي سمپل مئن'، 'پريئرس آف پلگرم'، 'اِنويسٽ دي چائيلڊ'، 'دي هولي مئن آف حيدرآباد'، 'فرام ڊارڪنيس اَنٽوُ لائيٽ'، 'ٽيچ مي ٽُہ پري'، پياري دادا وقت بہ وقت سنڌيءَ ۾ گيان گريت وياکيان ڏنا آهن ۽ روح رهاڻ ڪئي آهي. سندس روح رهاڻ جو سار ۽ وياکيان ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيا آهن. 'روح رهاڻ' ڏهہ ڀاڱا پرڪاشت ٿيا آهن. 'پڇڻو هجيئي پل تون پڇ' سوالن جوابن جو پُستڪ ۽ ٻيا ڪتاب شايع ٿيا آهن. اُن ڪانسواءِ 'شيام'، 'جاڳو'، 'سنت مالها'، 'سنت ساهتيہ'، 'هندواسي' ۽ ٻين پترڪائن ۾ پڻ وقت بہ وقت داداجن جا سکياداءڪ ليکہ شايع پئي ٿيا آهن، جن جي پڙهڻ سان آنند جي پراپتي ٿئي ٿي. اِهي ليکہ وهنوار چاهي پرمارٿ جي لحاظ کان اَسانجي رهنمائي ڪن ٿا. پياري دادا جشن کي شاعراڻي دل آهي. هن صاحب سنڌي

دادا جشن ڪير آهي؟ ڇا تو ڇئي سگهي، هن پورڻ برهم گياني
لاءِ! سکمني صاحب ۾ گروجن فرمائين ٿا :

برهم گياني ڪَئہ کوجيہ مهيسُر،

نانڪ برهم گياني آپ پرميسُر.

يعنيٰ خود ديوَ لوڪ جو مهاديوَ بہ برهم گيانيءَ جي تلاش
آهي. برهم گياني تدروپ، پريوءَ جو روپ آهي. هِن برهم گيانيءَ
بہ قدم بيشڪ زمين تي آهن پر سندس آتما، اُن آتم ديش سان جُڙيل
آهي، جت سنت سچا اَنهي پهر اَلکہ جي آرتي پيا اُچارين. هن برهم
گياني جي دل بيشڪ پرٿويءَ تي وسي ٿي پر سندس هِردو اُت پ
وسي جت نِرنتر ناد ۽ گهنڊ پيا وڄن، جت اَنهد شبد جا مِٺا گيت پ
گونجن. سندن نيڻن منجهان پيارو پريوُ وينو نهاري جنهن سياڳ
کي اِها نهار ملي اُهو نِهال ٿي پوي. نوري ٻاڻيءَ ۾ هي سِٽون اچ
ٿيون : ”سنتن سنگہ موري رکپال، اِڪ نظر ڪري ٿي نِهال.“ سندس
مُشڪ مٿان ڪروڙين قربان آهن. جنهن سياڳي کي ڪرڪمل اِسپر
ڪن، اُن جي راهہ روشن ٿي پوي! سندس سرير جي وسترن مان ڇڻ
جوت پيئي نِڪري ۽ اُن جوت کي جهپڻ سان جيون نئين ٿي پو
سندس چرن آهن سچا ڌام! جنهن سياڳي جي چرن جي ڌوُلي مل
وڃي، پوءِ ان کي ڀلا راميشوَر، بدريناٿ، جڳنناٿ ۽ دُوارڪاناٿ وڃ
جي کهڙي ضرورت؟ اَسان جي پياس اِهائي آهي تہ شل قبول پئ
سنتن جي ڪمل قدمن ۾! ۽ اِڪ سياڳي ڏينهڙي وني هلن اُت، ج
جوت جڳي اَبناسي، جت ٻاجي بينا گوڪل واسي!

تنهنجي مهر ڪيڏي ڪيڏو تنهنجو احسان،
ڏسين ڪين ڏنگايون مٺا آهين مهربان،
تو جهڙو نا پيو ڪو آهي ساري جهان،
ڪريان تو تان قربان هيءَ جند ۽ جان،
پيئي آنجلي پڪاري دادا شيام! دادا شيام.

پوجيه دادا جشن پنهنجي ستگروءَ ڪي سدائين ساڻ محسوس ڪن ٿا. گروءَ ۾ سندن ايڏي تہ شرڌا آهہ جو دادل شاهہ جي آگيا کانسواءِ ہہ قدم ٻاهر ڪين نڪرندا آهن. ڪين جدا جدا شهرن مان پياسي دليون پڪاريندون آهن، تڏهن ہہ هوُ ستگروءَ جي مورتيءَ اڳيان چٺيون رکي آگيا وٺندا آهن. جيڪڏهن چٺيءَ ۾ ها نڪرندي تہ اُن شهر ڏانهن ويندا. گرديوَ ۾ سندن ڪيڏو نہ صدق آهہ!

هِتِ هُتِ هرهنڌ سائِڻ آهين ساڻ،
هُتِ ڪان وٺي پيو، هلائين تون پاڻ،
دادل پيارو آهي ديال،
ڪيئن نہ لهي پيو روز سنڀال.

پوجيہ دادا جشن دارشنڪ ہہ آهي. سندن ڪاويہ مان سندن دارشنڪ ويچارن جي جهلڪ ملي ٿي. داداجن برهم جي نرگڻ ۽ سگڻ روپ جو ورڻن پڻ ڪيو آهي. داداجن ويدانت سوتر ايڪو برهم دوتيہ نہ اَستيءَ جو سمرٿن ڪندي چون ٿا تہ نرگڻ برهم سروَ وياپي آهي، جوڌاري سندس ئي چمتڪار آهي.

هِتِ هُتِ آ هرهنڌ تنهنجو جلوو چمڪي،
سج چنڊ تارن، تنهنجو مکڙو مُشڪي،
هن ساوَڪ ۾ سائِڻ ڪيم تنهنجو ديدار،
هِتِ هُتِ هرهنڌ پيو چمڪي تہ اِسرار.
ڪوي هرهنڌ محبوب جو مشاهدو ماڻي ٿو.
جل ۾ ۽ ٿل ۾، ۽ منجهہ آڪاس،

سنت ڪاويه جا گهڻا پيريا آهن. داداجن 'اَنجلي' جي تخلص سان سوين
ڀڳتي گيت رچيا آهن. پوجيه دادا جشن جي گيتن مان گرديوَ ساڌ
واسواڻيءَ لاءِ اَننيه ڀڳتي ڀاونا، اونهي اُڪير، سچي جيون لاءِ پيار
ايشوَر ڀڳتي ۽ ديش ڀڳتي جهلڪي رهي آهي. اِنهن گيتن ۾ ورهه ويد
آهي، خيالن جي گهرائي ۽ آتم اَنيوتي آهي، سوز ۽ درد آهي. اِنهن
يتن مان شاعر اَنجليءَ جي دارشنڪ ويچارن جو عڪس پڻ ملي ٿو. داد
جن ويدانت جا ويچار پڻ سرل سپڪ ٻوليءَ ۾ سليا آهن. سندن گيتن ۾
سهج سياويڪ تجنيس حرفي، تشبيهن ۽ اِستعارن جو اِستعمال پڻ ٿي
آهي. سندن اِنهن گيتن ۾ شانت ۽ ويوگ شرنگار ٻئي مکيه رس آهن
'ٻوڙهن جي مالها'، 'اَنجليءَ جا آلاپ'، 'اَنجليءَ جا گيت'، 'قتيل د
جا قول'، 'ڪر قبول قدمن ۾'، پوجيه دادا جشن جي گيتن جا اَمول
سنگرهه آهن. 'اڄ جو ويچار' پستڪ ۾ سال جي ٣٦٥ ڏينهن لاءِ پوج
دادا جشن جا ٣٦٥ سندر سکياداڪ ويچار ڏنل آهن.

پوجيه دادا جشن جي گيتن جو مختصر وويچن ڪجي ٿو. سند
گيت دل جي اونهائيءَ مان نڪتل آهن. دادا جن اوچ ڪوٽيءَ
سنت ڪوي آهن. سنت ڪوين جي پرمپرا اَنوسار پوجيه دادا جش
جي گيتن ۾ گرديوَ لاءِ اَننيه شرڌا ۽ ڀڳتي ڀاونا ڀريل آهي.

دادا جن پنهنجو پير پيغمبر سروَسوَ پنهنجي گرديوَ سا
واسواڻي کي مڃين ٿا.

گرديوَ ديالو دادل منهنجا سائين،
منهنجو پير پيغمبر سڀ تون ئي آهين.

پوجيه دادا جشن پنهنجي گرديوَ دادل شاهه جي تمام ويج
هوندي به کين پرارٿنا ڪن ٿا :

پنهنجي در تي دادل! ڪري خادم بيهار
من ڪنهن ڏينهن سڀاڳي ملي مهر نهار.

گرديوَ جي احسانن ۽ مهر جو ذڪر ڪندي دادا جن چون ٿا

دادا جشن جي دل ۾ ڀڳوان شري رام جي درشن جي اڻلاڪا آهه. هوُ پنهنجي اُڪير جو اُليکه ڪندي چون ٿا :

درشن لاءِ آهي دل ۾ پياس،
منهنجو رام ته آهي اجا بنواس،
روز اُٿي پيئي اَندر اُڪير،
روز نيڻن مان وهي پيو نير.

ڪوي رام -مِلن جو بيان ڪندي چون ٿا :

اڄ رات ڏياري مٺو رام آيو،
اچي اُن نذر ڪي آ ڇاتيءَ ڇپايو.

جيوَ کي جاڳرت ڪندي داداجن چون ٿا ته پيارا تنهنجي شرير ۾ جو ٻولي ٿو، ڏسي تو اُن آتما جو چنتن ڪر، درشن ڪر. آتما برهم روپ آهي. تون اوديا جي ننڊ مان سجاڳه ٿي اُن آتما جو ساڪياتڪار ڪر، جنهنجو ئي سڄو چمتڪار آهي :

اَندر اَندر چم جي چولي،
ڪير پيارا ! ويٺو ٻولي،
اُٿ جاڳ جوڳي! ديکه ديدار،
چمڪي پيو جو اَندر چولي.

هر جيوَ ۾ برهم وياپڪ آهي، اِنڪري دادا جن جيوَ کي پنهنجي اَندر جهاتي پائڻ جي صلاح ڏيندي چون ٿا :

اَندر پيهي پاڻ پڇاڻ،
ملهه پنهنجو تون پاڻ سڃاڻ!
هِت اچي تون بڻئين غلام،
آهين هنس پکي، پر ڪولي اُڏام.

جڳت ۽ جڳت جا پدارٿ ناسوَنت آهن، پاڇا آهن. اَسين پاڇن پويان پئِڪي عمر برباد ڪري رهيا آهيون. پوجيه داداجن اِهو جڳت مٿيا جو ويچار پيش ڪندي صلاح ڏين ٿا :

هرهنڌ هرجاءِ، تنهنجو نواس.

برهم اَننت آهه، اَسيم آهه. داداجن ڀڳتن جي هرديه ۾ اُن نراڪ
برهم جو درشن ڪن ٿا :

آهين تون بي اَنت، نڪي پارا وار،
